دل جو رستو

— رومانوي غزل —

مرتب

اسحاق سميجو

روشني

دل جو رستو

دل جو رستو

—— رومانوي غزل ——

اسحاق سميجو

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2003ع

Roshni Book No. 223

ڪتاب جو نالو: دل جو رستو
مرتب: اسحاق سميجو
ڇاپو پهريون: © روشني 2003ع
ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي
روشني ڪمپوزرس، حيدرآباد.
ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد.
ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ

DIL JO RASTO
Selected by: Ishaq Samejo

Composed by: Habib Qadir Qureshi.
Roshni Composers, Hyderabad
Printed by: Fine Communication, Hyderabad, Sindh.
Published by: Roshni Publication, Kandiaro

First Edition: © Roshni 2003

اسٽاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر - حيدرآباد
ڪاٺياواڙ اسٽور، اردو بازار - ڪراچي
رابيل ڪتاب گهر - لاڙڪاڻو
رهبر بڪ اڪيڊمي، رابعه سينٽر - لاڙڪاڻو
ڪتاب سپر مارڪيٽ، الرحيم هوٽل - لاڙڪاڻو
نئون نياپو ڪتاب گهر، گهنٽي ڦاٽڪ - لاڙڪاڻو
ڪتاب مرڪز، فيريئر روڊ - سکر
يونائيٽيڊ بڪ لينڊ، مهراڻ مرڪز - سکر
نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ - خيرپورميرس
شاهه لطيف ڪتاب گهر، مين نيشنل هاءِ وي روڊ، راڻي پور- ضلع خيرپور

صادق فقير

جي نالي

مين تو سانورے کے رنگ رانچي!

(مان تہ سانوري جي رنگ ۾ رچي وئي آهيان)

ميرا ٻائي.

فهرست

وساوَرنيِ ـــ اسحاق سميجو

○ شيخ اياز

رات آئي وئي، تون نہ آئين ڪَهيٖ 21

سکي پيا کي ملين تہ چئجان 22

ميلي ۾ تون تنها تنها 23

وري عشق بازي، اڙي دل! اڙي دل! 26

ٻڌا نہ آهن اجا ستارا 27

سرءُ اچي وئي بهار کان گل 28

آءُ ڀنيءَ جو ، ڀاٽي آءُ 29

تون نہ آئين نہ آئين 30

نچي ٿو مور ڇو مَن ۾ 31

ٻي خبر ناهہ پر مرڻ کان پو 32

○ نارايڻ شيام

ڪڏهن ٻُلجي بہ ڪائي ڳالهہ 33

ڏِني، ڏپ جي ڪري اڄ 34

ڪنهنجي مَهڪي فضا ۾ رعنائي؟ 35

انهن ئي اکين آڳ دل ۾ لڳائي 36

فضا خاموش، پويون پهر، چُپ تارا 37

جئن پُور پچائيندي، اک ننڊ ۾ 38

پڙهندو ڏٺئہ ڪتاب پريئہ چرڪ: 39

ڪچنار تار تار رڳا گُلِ بهار ۾ 40

نالي ٻڌڻ سان دل ائين تڙڦي سگهي 41

پاڻ انڪار ڪَرين، زور ڀرين پاڻ 42

○ استاد بخاري

ڏسي، مُرڪي، مٺا مُنهڙو ڍڪي ورتئہ! 43
هڪ شخص هڪڙي شهر ۾ ڏانهون 44
اٿہ ڇپ ۾ ڇرون، ڇيرا، نٿو پڙڪان 45
هوا ڪبي چؤ پرينءَ جي گهر گهڙي 46
اداسائي عطر ناهي جو ڪيسي ۾ 47
ديد گلابي دلبر تنهنجي، مُرڪ چنبيلي 48
هو پهتو پيار جي پڇري وِچڻ ڪانپو 49
تنهنجي خوشبو پڙهان خطن وانگي 51
عشق هو، چرچو نہ هو، رؤنشو نہ هو 53
هاڻي تہ هلي آ ني، هُيءَ عمر وِهامي ٿي 54

○ ايمر ڪمل

سنجيده تڪيائين پِيءَ مُرڪي ڏنائين 55
بي خبر هُو، خدا جي قابل آ 56
هو ڊپ زمانو توڪي پِيي مون ڪان جدا 57
ڪو تہ اڪ پِيي ڪٽي، ڪٽڻ جي طرح 58
اهو آسرو ويو سڄي عمر چاٽي 59
نظر توسان پيهر ملائڻ تي دل ٿي 60
هر مِهڻي تي ڏج مُرڪي، نہ تہ ڳالهہ 61
رات چنڊ بيٺو رهيو هڪ جاءِ 62
درد وڏندو تہ، نہ ڪا دانهن 63
اهڙي تہ هاڪَ آ هلي تنهنجي شباب 64

○ امداد حسيني

عيد جو چنڊ تہ ناهيان، جو نهارين 65
اسان روئي روئي ڪلايو ٿي جن ڪي 67
تون ڏسين يا نہ ڏسين، آءٌ ڏسان 68
هونئن تہ توبن چا چا ناهي 69

ها، ڇوڪري ڪريون نہ ڪريون 70
روئي روئي ڳل ڳرهاتي پائجي 71
مان پريشان سهي، تون تہ پريشان 74
هونءَ تہ وِڪ وِڪ ڇَپ هنيو وينا اٿئي 75
وڇڙڻو ئي اگر آهي تہ ملڻ ڇاجي لاءِ؟ 76
موتي ائين نہ رول، تون موتي ائين 77

○ مخدوم طالب المولا
سنگدل موم دل اگر نہ ٿيو 78
جنهن ڏينهن کان دل دلبر سان لڳي 80
تنهنجو آهيان تہ ٻئي جو ٿي سگهندس؟ 82
ڏبي دل جنهن کي، ان تان ساهہ 84
اڃن ٿا سيرِ چمن لءِ بهار ۾ گل رُخ 85

○ وفا ناٿن شاهي
برسي پئي برسات، وڃين ٿي ڪاڏي 86
دل جي بندوق هٿي ڇڏ مون کي 87
تون ۽ مون سان پيار ڪندين 88
توکان سواءِ ڪنهن سان محبت 89
نوجوانيءَ جي ملاقات وفا! ساٺوڻ ۾ 90
مون کي ڏيئي طويل تنهايون 91
عشق کان مختلف فلسفو عشق جو 92
زماني کان ڪري تنها ڏنو ٿئي 93
وئين جڏهن کان پير پائي باغ ۾ 94
نہ فرض پالي سگهان ٿو، نہ پيار 95

○ ذوالفقار راشدي
سندر سپنا، نازڪ ناتا جلدي 96
جيءَ ڇڏيو جهوراٽن جهوري 97

توبه هي انتظار اسان کان نٿو پڄي 98
خواب کي پنهنجو سڏڻ مان فائدو؟ 99
قصو تہ عاشقيءَ جو آ مگر وري بہ 100
منهنجو سَتُ سڪائي ويندا سپنا 101
جيئن ڏيد ملي، دل بہ رلائي تہ ڏسان ها 104
سانجهيءَ ٽاڻي کهڙا کهڙا سِر کي 105
ٻَري ٿو دل جي گهر ۾ عود ۽ عنبر 107
ڪائي وانگر ٽٽي ڇٽي پيا رنگا رنگي 108

○ ارجن حاسد

تو ڪنهن جي تصوير ڏٺي پئي 109
ايئن تہ توسان آ ڪيڏي پنهنجائي 110
تنهنجو آواز ٻُڌڻ جي خاطر 111
ٿي ٿي وڃي جي ڳالهہ، ٿيڻ ڏي 112
رنگ سُرهاڻ کي آڪار ڏنئہ! 113

○ تنوير عباسي

روشني دل جي دکن آهي لٽي 114
جڏهن بہ دوست ٿا توسان ملڻ جا 115
اوهان ناهيو تہ پنهنجي دل بهارن سان 116
تنهنجي گهٽيءَ جي مٽي ميڙي 117
ايترا لڙڪ، ڪو اُگهي نہ سگهي 118
ڪالهہ توسان جو رُسي آيس مان 119
تنهنجي محفل ۾ اچڻ ٿو چاهيان 120
تون جو مونَ ڏانهن ايئن نهارين ٿو 121
جُهڙ ٿيو، مينهن ٿو وسي سائين 122
سدائين ائين ڪين گهبرائبو آ 123

○ آثم ناٿن شاهي

نِٺر، ضدي، مٺي ڦريا، او بدمعاش 124

125 تنهنجون ڇاتيون ڪيڏيون آتيون
126 تنهائيءَ ۾ جڏهين هُن کي هڏڪي آئي
127 نيٺ تہ اڄ هو نيڻ نماڻا مرڪي پيا
128 نيڻ ڪنوارا ڪنيو نهاريئين پئي
129 جيئين پُونءِ ٿڙڪي، تيئين لوڏ هڻ
130 ميڪدي جو عجيب آ دستور
131 چنڊ اُيرڻ لڳي تہ ڪيئن،روڪيانس؟
132 مون ڪان رُسجي پڇتائيندينءَ
133 جڏهين جڏهين منهنجي پاڙي

○ محسن ڪڪڙائي

134 هُو جڏهن منهنجي گهر اچي ٿو وڃي
135 هي خزان، هي بهار، ڇا معنيٰ؟
136 هُن جي چادر، جڏهن تہ ڇڪَ ٿي هئي
137 جوڀن ۾، شهرِ حُسن ۾، فصلِ بهار ۾
138 ڇڏيو تہ سُونهن جي هڪڙي جهلڪ

○ ارجن شاد

139 آءُ ڍولِيا، تہ ڪريون پيار
140 جي زندگيءَ مان نڪري وڃي چاهہ
141 ڪيئي ڪاريون راتيون گذريون
142 آءُ او انتظار، واپس آءُ
143 وسارڻ سان جي وسري ها تہ

○ وفا پلي

144 تنهنجي در جي قريب هو ڪوئيٌ
145 ڪجهہ ائين ڏار ڪري، ڏار ڪري
146 ڪڏهن تنهنجي وارن سندي رات
147 گلدانن ۾ خواب سجائي، مون بہ رنو هو
148 تنهنجو مشتاق ديد ساري ٿو

○ علي محمد مجروح

راحتن رحمتن سلام ڪيو 149
دور گذري ويا اڃي نہ سگهيا 150
ڪو رنج رنج نہ رهندو، رڳو نهار ڪٿي 151
ڏکن تي پنهنجي ڪلان تو الائي 152
هي روز جيئڻ روز مرڻ راند تہ ناهي 153

○ واسديو موهي

وڄ ـ ڪڪر پاڻ ۾ رتيو، ۽ پوءِ 154
موسم جي واسطي ڪجهہ گنگنائجانءِ 155
آڏيون ڦڏيون لڪيرون ڪڍي 156
اوسيئڙو عمر ڀر، نئين ڪا ڳالهہ 157
خط ڪڍي ور ور پڙهندو هوندو 158

○ اياز گل

مَنَ ۾ ڪو مهمانُ، ضروري آ پيارا! 159
يادگيريونُ سنڀالُ، ڪم ايندءِ! 160
نڪو ساٿ مون سان ڏئي ٿي سگهين 161
پنهنجو ڪوئي ڪمال ناهي مِني! 162
جو نہ پُلجي پي نهاري مون کي 163
تُنهنجون راهون تڪڻ اَجايو آ 164
دردُ ڪو جنهن ۾ ناهي دوست! 165
اجنبين وانگي ملياسين تون، مان 166
نَڪو ملي ٿي، نہ ٿي نيڻَ ٿي پڙهڻ 167
هڪ ٻرو بس اسانجو گهر آهي 168

وساوَرني

هڪڙو رستو دنيا جو آهي ۽ ٻيو رستو دل جو آهي. دنيا جو رستو دولت ۽ لذت ڏانهن وٺي ٿو ۽ دل جو رستو حُسن ۽ آرٽ جي منزل تائين پهچائي ٿو.

ماڻهن جي اڪثريت دنيا جي رستي تي هلي ٿي. جڏهن ته عاشقن، صوفين ۽ شاعرن جو هڪ اهڙو مختصر قافلو به آهي، جيڪو هر ڏک سهي، هر هار کٽي، سمورا فائدا ترڪ ڪري، دل جي رستي تي ئي هلندو رهي ٿو. اهائي هڪ سچي آرٽسٽ، عاشق ۽ شاعر جي خصوصيت ۽ انفراديت آهي. ضروري ناهي ته ان قبيلي جو هر ماڻهو جينيس هجي، پر ان ۾ جينيس ماڻهوءَ جي هڪڙي خوبي ضرور هوندي آهي ته اهو سماج ۾ رهي به، ان جي ابتڙ سفر ڪندو آهي. جيڪي شيون دنيا لاءِ وڏيون، غير معمولي ۽ نهايت اهم هونديون آهن، سي شاعر ۽ آرٽسٽ لاءِ تڇ ۽ معمولي هونديون آهن. اهو هڪڙو عجيب ۽ چرياڻ نسل آهي، جنهن کي مٽيءَ مان به محبوبا جي بدن جي خوشبوءِ ۽ گل ۾ خدا نظر ايندو آهي. هُو جڏهن وجد ۾ ايندا آهن ته دنيا کي ان ٻالڪ وانگر سمجهندا آهن، جنهن کي لت هڻي ستين آسمان تائين موڪلي سگهندا هجن. دؤر ۽ نظام ڪهڙو به هجي، پنهنجي تصور ۽ خيال جي سلطنت جا هُو پاڻ ئي بادشاهه آهن. سندن اهڙي بادشاهيءَ اڳيان ڪنهن ملڪ جي بادشاهي به حقير نظر ايندي آهي. ايئن نه هجي ها ته بهادر شاهه ظفر ۽ مير عبدالحسين سانگي زماني جون وڏيون بادشاهيون رکڻ جي باوجود شاعريءَ جي سلطنت ۾ پناهه حاصل نه ڪن ها. منهنجي خيال ۾ بهادر شاهه ظفر کي آخر تائين هندستان جي بادشاهيءَ کسجڻ جو ايڏو ڏک نه هوندو، جيڏو ان ڳالهه جو، ته هُو سموري زندگي غالب جهڙو غزل لکي نه سگهيو هيو ـ توڙي جو هُو پاڻ به ڪو معمولي شاعر نه هيو.

شاعريءَ جو هڪ وڏو ڪمال اهو به آهي ته اها دل جي انهيءَ اڙانگي رستي ۾ ماڻهوءَ جي رهنما ۽ دوست ٿي رهندي آهي، جنهن ۾ بي انتها ذهين ماڻهو به ڀٽڪي ويندا آهن ۽ قافلي ۾ به پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪندا آهن. دراصل شاعري اهڙي گهڻا آهي، جيڪا وسي اندر جي موسم کي به تبديل ڪري ڇڏيندي آهي. اها هڪ ئي وقت بهار به آهي ۽ ميگهه ملهار به آهي. ڪڙڪي ڪِرندڙ وِڄ به آهي ته وساورنيءَ جا سَتَ رنگ به آهي. دبيل آڳ به آهيَ، ستل پيڙ به آهي، جاڳيل زخم ۾ آهي. مُرڪندڙ نهار به، ته پنل روح به آهي. واگهه جي گهور به، ته رڻ جي رات به آهي. اها پهاڙي ڳوٺ جو صبح به، سمنڊ جي شام بہ، ته پيلي جي به پهري به آهي. شاعري گلن واري گهٽي آهي، نيٽن جو نڪت آهي، هڪ هار آهي، هڪ جيت آهي. بي معنيٰ ۾ هڪ مڪمل زندگي آهي ـ هڪ مڪمل ڪائنات آهي ـ جنهن کي سوين سج به آهن، سوين چنڊ به آهن، گرهه به آهن، اُپگرهه به ۽ جيئي سگهجي ٿو ته ان جو هڪ خدا به آهي. پوءِ ڪئي ان کي خدا نٿا چون: ”حُسن“ چون ٿا. تصور ۽ تخيل جي حُسن جي انتها، هڪ لامحدود ۽ بيو پار نه رکندڙ سمنڊ جيڏو حسن. هَر حسينا کان حسين، ۽ هر نظاري جي حسن تي ياري. هي سمورا شاعر، پوءِ اهي کهڙي به ٻوليءَ ۾ شاعري ڪندا هجن، ان ئي لامحدود حسن جي ڪنهن پهلوءَ تان پردو کڻڻ لاءِ پيدا ٿيندا رهيا آهن ۽ ٿي رهيا آهن.

ساڳيءَ ريت انهن ڪڏهن ڪنهن دل جي راز تان، ڪڏهن ڪنهن هارايل خواب تان، ڪڏهن ڪنهن اوجهل تمنا تان، ته ڪڏهن ڪنهن ڏنل اڪيلائيءَ تان به پردو پٽي ڪنيو آهي. شاعرن کي ڪڏهن سُتارا آسمان جي ڍنڍ جا ڪنول نظر اچن ٿا، ته ڪڏهن ڏينهن زخمي شينهن وانگر رڙندي محسوس ٿئي ٿو. ڪڏهن عمر خضر جي عمر وانگر طويل ۽ فضول لڳي ٿي، ته ڪڏهن محبوب جي ياڪر جيتري مختصر ۽ ٿورڙي.

هن مجموعي ۾ موجود اڪثريتي شاعري به ايئن ئي آهي. اها ڪنهن گهڙيءَ هوا بڻجي اوهان جي دل جي وٽن سان گفتگو ڪندي ته ڪڏهن خوشبوءِ بڻجي حواسن جا در کڙڪائيندي ـ ۽ اوهان ان جي اهڙين حرڪتن کي ڏسندا ئي رهجي ويندؤ! مون سان ته ايئن ئي ٿيو آهي، مان به ڪجهه نه ڪري سگهيو هوس، ۽ يقين اوهان به ڪجهه نه ڪري سگهندؤ!

غزلن جي هن چونڊ کي ڏسي، هڪ دوست چيو، ”تون هن غزلن

ڪي رومانوي سڏين ٿو، جڏهن ته انهن مان ڪي غزل ۽ ڪن غزلن جا بند رومانوي نه آهن.“ مون چيو، ”تنهنجو اعتراض صحيح آهي. ان جو هڪ سبب ته اهو آهي ته هنن غزلن جي شاعرن رومانويت کي ذهن ۾ رکي نه لکيو آهي، پر فقط جذبن ۽ احساسن کي لفظ مهيا ڪيا آهن. ٻيو ته رومانس جو جيڪو تصور تو وٽ آهي، اهو ايڏو ته محدود، روايتي ۽ عام آهي، جو ان موجب ته عشق محبت جي ذڪر کان خالي هر لکڻي غير رومانوي بڻجي وڃي ٿي. جيتوڻيڪ رومانس فقط محبت جو ذڪر ئي نه آهي، رومانويت ته تخيل سان ڀريل اها نگاهه آهي، جيڪا ڪنهن به ڳالهه يا خيال کي اهڙيءَ ست ۾ تبديل ڪري ٿي، جنهن کي ٻڌڻ سان ڪوبه ماڻهو اهو نٿو چوي ته ”اهو سچ آهي“. پر هو بي ساخته چئي ٿو ويهي، ”اها ته حسين ڳالهه آهي“. محبت بلاشڪ ته تخيل جي ڏار لاءِ زهر جو پاڻي آهي، پر پوءِ به جڏهن رومانس ادبي اصطلاح جي طور تي استعمال ٿئي ٿو، ته ان جي معنيٰ عام رواجي نٿي رهي. بلڪ اهو حسن ۽ تخيل جي هڪ وسيع ڪائنات بڻجي وڃي ٿو.

هڪ لحاظ کان رومانويت ماڻهوءَ جي اندر ۾ تپي آهي. هڪ داخلي قوت آهي، جيڪا تصورن جي هڪ اڃاتي ۽ اندروني دنيا تان پردو کڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. حقيقت پسندي، ڪلاسيڪيت ۽ ترقي پسنديءَ جي ابتڙ اها ٻاهر جي سماج بجاءِ اندر جي سماج ۾ موجود حُسن جي ڳولا ڪري، ان کي تخليقي شڪل عطا ڪري ٿي.

لفظن وسيلي لُطف ۽ حسن جي تخليق، يادن جي دنيا سان عشق، هڪ لاڳيتي بيچينيءَ جو اقرار، نئين شيءِ تخليق ڪرڻ جي جستجو ۽ موجود روايت کي ٽڪرائي، نئين روايت جو بنياد وجهڻ ئي رومانويت آهي. ميراجيءَ گيت جي قديم شاعر چنديداس جي شاعريءَ کي بنياد بڻائيندي لکيو آهي ته هندستاني ذهن جي سڀ کان نمايان خاصيت اها آهي ته اهو روزاني استعمال جي شين مان به آدرشي تصور جوڙي وٺي ٿو ۽ پوءِ انهن تصورن کي مجسمن جي صورت عطا ڪري ٿو. هندستان جي هر نقشي ۾ جمنا ۽ برندابن مادي صورت ۾ نظر ايندا، پر ان ئي مادي صورت مان هندستاني ذهانت هڪڙي تخيلي ڪيفيت ڇڪي ڪڍي وٺي ٿي ۽ برندا بن کي رڳو جهنگ بجاءِ، انساني ذهن جو استعارو بڻائي ڇڏي ٿي، جنهن ۾ ڪرشن ۽ ليلا جي دلچسپ ۽ دلڪش راند دل کي وندرائي ٿي. جيتوڻيڪ

ميراجيءَ رومانويت بابت ڳالهہ پوليهہ نہ ڪئي آهي، پر منهنجي خيال ۾ ان کان بهتر ان جي تشريح ٿي نٿي سگهي، تہ "مادي صورتن مان بہ تخيلي ڪيفيت پيدا ڪرڻ جي صلاحيت ئي رومانويت آهي."

هن مجموعي ۾ شامل غزلن جي هڪڙي خوبي اها بہ آهي تہ اهي تخيل ۽ تخليق جو بي مثال سنگم آهن. اهي دماغ جي نہ، دل جي ترجماني ڪن ٿا. (۽ ڪيترو نہ صحيح چيو آهي هري دلگير تہ، هڪ سٺو غزل دماغ جي ڪوٽ ڪوٽان نہ، پر دل جي اُجل هئڻ گهرجي!) هر غزل ۾ هڪ دل جي ڏک آهي، هڪ روح جو نغمو آهي ۽ جذبي جو اجهل اظهار آهي. دراصل شيخ اياز کان اياز گل تائين جو دؤر فقط غزل جي شاعريءَ جي حوالي سان ئي نہ، هر حوالي سان سنڌي شاعريءَ جو سڀ کان اهم دؤر آهي. لطيف کي ڇڏي، سنڌي شاعريءَ جو ڪوبہ دؤر تخليقي ڪمال، نون رجحانن ۽ موضوعاتي نُدرت جي حوالي سان گذريل 60 سالن جو مقابلو ڪري نٿو سگهي. ان ڪري ان دؤر تي تمام گهڻي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي، جنهن مان هڪڙو ڪم ان دؤر جي سمورين صنفن ۾ لکيل بهترين ۽ نمائنده ادب جي چونڊ بہ ٿي سگهي ٿو ـ ۽ "دل جو رستو" کي ان سلسلي جي ئي هڪ حقير ۽ ابتدائي ڪوشش سمجهڻ گهرجي.

پنهنجي شاعريءَ مان چونڊ ڪرڻ ڏکي ۽ ٻين جي شاعريءَ مان چونڊ ڪرڻ ڪنهن حد تائين آسان ڪم آهي. ڇاڪاڻ تہ پاڻ سان انصاف ڪرڻ مشڪل ۽ ٻئي سان زيادتي ڪرڻ بہ سؤلي هوندي آهي. پنهنجي شاعريءَ مان چونڊ ڪرڻ مهل اهو مسئلو درپيش ايندو آهي تہ، ڪهڙا شعر مجموعي ۾ شامل ڪجن ۽ اهي مجموعي ۾ شامل ڪرڻ جهڙا آهن بہ يا نہ؟ جڏهن تہ ٻين جي شاعريءَ مان چونڊ مهل اهو فيصلو ڪرڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي تہ هيترن سٺن شعرن مان ڪهڙا شعر رد ڪجن ۽ ڇو ڪجن؟ جڏهن مون هنن غزلن جي سليڪشن پئي ڪئي؛ ۽ سمورن شاعرن جا سڀ يا اڪثريتي ڪتاب نظر مان ڪڍيم (سواءِ ارجن حاسد جي ڪتابن جي) تہ مون کي بہ هوبهو ساڳيو ئي مسئلو درپيش آيو. جنهن سبب مون کي هڪ عام قسم جو معيار مقرر ڪرڻو پئجي ويو:

هڪ تہ اهي غزل هر حال ۾ رومانوي هجن، جيئن هڪ خاص ادبي تحريڪ جي اثر هيٺ لکيل شعرن جو تخليقي حسن جمع ٿي سگهي.

ٻيو تہ اهي غزل مقبول ۽ ان شاعر جي سڃاڻپ جو سبب بہ هجن، جيئن شاعريءَ سان گڏ شاعر جو تعارف بہ خودبخود ٿي وڃي.

ٿيون تہ جيڪي غزل هن چونڊ ۾ شامل ڪيا وڃن، اهي هڪ حوالي سان پنهنجي دؤر جي غزل جي ترجماني بہ ڪندا هجن. جيئن اهو سمجهي سگهجي تہ ان دؤر جا غزل گو شاعر ڪهڙي رنگ ۽ انداز ۾ لکي رهيا هئا.

هن چونڊ ۾ مون رڳو جديد لاڙن ۽ خيالن وارن شاعرن کي ئي شامل نہ ڪيو آهي، پر ساڳئي وقت ساڳئي دؤر جي نمائنده روايتي غزل گو شاعرن کي بہ شامل رکيو آهي. ائين نہ ڪيان ها تہ، طالب المولىٰ، محسن ڪڪڙائي، وفا پلي ۽ علي محمد مجروح شامل ٿي نہ سگهن ها. پر مون انهن کي بہ شامل ڪيو آهي تہ جيئن هڪ دؤر ۾ هر قسم ۽ هر حلقي ۾ لکجندڙ غزل جي نمائندگي بہ ٿي سگهي تہ سمورن رنگن مان محظوظ بہ ٿي سگهجي.

مونکي ان ڳالھہ جو بہ احساس آهي تہ مجموعي ۾ شامل ڪجھہ غزلن جا ڪي شعر بيحد روايتي ۽ ڳنل پيٺل رومانوي خيالن جي ترجماني ڪن ٿا. پر پوءِ بہ مون مناسب نہ سمجهيو تہ جن شعرن ۾ تازگي ۽ شعري حسن جي کوٽ آهي، انهن کي خارج ڪري ڇڏيان. ڇاڪاڻ تہ اهو حق فقط شاعر کي ئي حاصل آهي، تہ هو پنهنجي غزل مان ڪمزور، معمولي ۽ پراڻ واري شعر کي ڪڍي ٿو ڇڏي يا شامل رکي ٿو.

ممڪن آهي تہ هن چونڊ بابت ڪنهن جي ذهن ۾ اهو سوال بہ جاڳي تہ هنن هنن شاعرن کي ئي شامل ڇو ڪيو ويو آهي ۽ فلاڻن فلاڻن شاعرن کي شامل ڇو نہ ڪيو ويو آهي؟ تہ، مون کي پاڻ بہ ان ڳالھہ جو احساس آهي تہ اڃا بہ ٿي شاعر اهڙا ضرور آهن، جن جا غزل هن چونڊ ۾ شامل ٿيڻ گهربا هئا، پر انهن جي مواد تائين منهنجي رسائي ٿي نہ سگهي ۽ ڪوشش باوجود مونکي سندن ڪتاب هٿ اچي نہ سگهيا. ان ڪان سواءِ هيءَ فقط "چونڊ" آهي. جنهن ۾ سمورا شاعر يا سمورا سٺا غزل شامل ڪرڻ ممڪن نہ آهي. ٻيو تہ هيءَ رڳو هڪڙي ماڻهوءَ جي چونڊ آهي ۽ هن کي ان ئي نظر سان ڏسڻ گهرجي. باوجود ان جي، منهنجي هڪ ذاتي راءِ بہ آهي، تہ هن مجموعي ۾ شامل ٿيڻ کان رهجي ويل شاعرن جي اڪثريت جو غزل (رومانويت جي خيال کان) اهڙو نہ آهي، جنهن هڪ دؤر کي اهڙيءَ طرح متاثر ڪيو هجي، جيئن هن مجموعي ۾ شامل شاعرن جي غزل هڪ دؤر کي متاثر ڪيو آهي.

۽ ر جيڪڏهن ڪن شاعرن جا ڪي ٻه چار غزل مقبول به آهن، ته يا ته انهن ۾ رومانويت نه آهي، يا ته اهي فقط لفاظيءَ جي بيساکيءَ تي بيٺل آهن. جن ۾ جذبي ۽ احساس جي اظهار ۾ سچائيءَ جي کوٽ ۽ اسلوب ۽ ٻولي ڪمزور آهي. انهن سينئر شاعرن کان نوجوان شاعرن جي ان وڏي اڪثريت تمام گهڻو معياري، تخليقي ۽ ياد رهڻ جهڙو غزل لکيو آهي، جن جو دؤر هن مجموعي ۾ شامل شاعرن جي دؤر کان پوءِ شروع ٿئي ٿو. منهنجي خيال ۾ ان کي 'غزل جي الهڙ جوانيءَ' جو دؤر سڏجي، ته به غلط نه ٿيندو.

اسحاق سميجو
18 مارچ 2002ع

سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي
ڄامشورو

رومانوي غزل

شيخ اياز

رات آئي وئي، تون نہ آئين ڪَهي
ماڪَ ۾ مينڌرا! ڪاڪِ رئندي رَهي

مينهن ِموتي ويا، ڏينهن اُيري لٿا
تون نہ آئين پرين! وِهہ لڳي ٿي وَهي

سانورا! تو سَوا چانورا ڇا ڪبا
لوءِ تنهنجيٰ لڳي، لوءَ لڳندي رهي

او وڃان مان وڃان، ڪيئن پيرو پڇان
سِڄ ويندو لهي، پير ويندا ڊهي

ڪنهن پہ اورار بيهي نہ پاتو پرين
تون نہ ميهار آهين، نہ تو وٽ مهي

سِر 'اياز' اڄ ڏنو، ڪنهن نہ چاتو تہ ڇو
رت آڏيءَ تان اُڏيو، سنڌ ڏسنديٰ رهي

□

سَکي! پيا کي ملين تہ چئجان چاندني تو سوا نہ ٿيندي
اچين تہ منهنجي اُماس ۾ آءُ، چو تہ ڀي رات ڪانہ ايندي

ڪڏهن بہ توتي دوار دل جا نہ ڀوتيا، تون پلي هلي آ
بہ لڙڪ آلا ڪڏهن بہ هوندا، متان چئين آجيان نہ ٿيندي

نہ ديپُ دونهاتجي ڪڏهن هي، لِلاٽَ جي لاٽَ شال جرڪي
پرهہ پرڀي آ، پتو نہ آهي تہ راَت ڪيسين ڏهاگ ڏيندي

پَکي پَروڪا اچا نہ آيا، اُڪير تن جي هُري رهي آ
اُداس سَر تي هَوا اُني جي، چَئي پئي ڪا اُڏار ايندي

پَرار تي ڪا پُڪارَ آهي، مگر اڱيان تک تار آهي
ڪتي اسان جي اُڪارَ آهي، ’اياز‘ ڪيڏانهن ناوَ نيندي

❑

ميلي ۾ تون تنها تنها، ڪنهن ڪي ڳولين ٿو؟
اڪِ ۾ ڳوڙها، هٿ ۾ گجرا، ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

سرسوتيءَ جي مندر پرسان بيٺو واجهائين
ڪنهن لئہ ترسي تنهنجي وِينا، ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

تنهنجون اکڙيون پو بہ اُجايون، تَل ترايون سَوَ
هرٽيءَ جهڙا منهنجا هِردا، ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

سانجهيءَ تاٽي ڪارا ڪٽچي آکيري آيا
پرڙا کولي، پارَ - پکيئڙا، ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

ساري جيوَن - مايا سپنو، تنهن ۾ سَوَ سپنا
او سپنا، سپني جا سپنا! ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

پير پٽيءَ تي ناهي تنهنجو، ڪهڙو تنهنجو ماڳ!
رستي مان نڪتا سَوَ رستا، ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

او رکوالا! ڪوٽين چو ٿو هيءَ جيون جي رک
آٽي اگنيءَ جهڙي آشا، ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

اونهاري جو سج نہ ناهي، آهہ ازل جي آڳ!
هاءِ، چڙي چَنَ جا چانورڙا، ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

دانهون ٿو درياهہ ڪري، ٻڌ ڪُن ڪُن جا ڪڙڪا
ٻيڙيءَ ٻيڙيءَ ۾ او ٻوڙا! ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

ڪاري راتڙ، ڪتيءَ ڏي ڪَرڪي، ڪائي ڪُونجَ اُڏي
پيارا! تون بہ تڪيندي تارا، ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

وَسندو رهندو آهي تو وٽ سانوڻ ساري رات
ڳوڙها ڳاڙي نيڻ نماڻا! ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

ڪوبہ نہ ايندو، ڪوبہ نہ ايندو، ڪوبہ نہ تنهنجي دُوار!
بند ڪري ڇڏ هي دروازا، ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

شيخ اياز

آڻ تيٽيءَ کي چاهين، تنهنجي تيٽي سان نہ پوي
ڏس تيٽيءَ جا ٽوٽيون ٽنيا! ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

هي مترا جا مندر، سانجهيءَ ويلي جمنا گهاٽَ
من ۾ سنڌوءَ جا سوَ سپنا، ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

برندّا بن ۾ آيو آهين، ڪنهن جي لاءِ ڪَوي!
ڪنهن جي بنسي، ڪهڙي راڌا؟ ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

شايد تون ئي پاڳل پوري پاڳل خاني ۾
پاڳل گڏجي توتي کِلندا، ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

هارُ هندوري ۾ ڪيرايو جيڪو مُنڌ مَٽيءَ
موتي موتي ٿي ويو پيارا! ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

خاڪ اُڏاٿي، ڪاڪ ڪِري پئي، پوئين پهر 'اياز'!
ڪهڙي مومل منهنجا راڻا! ڪنهن کي ڳولين ٿو؟

❑

شيخ اياز

وري عشق بازي، اڙِي دل! اڙِي دل!
أئين ٿي مجازي، اڙِي دل! اڙِي دل!

وري رُوپ روپا، وري گج ڪاوا
نئين دلنوازي، اڙي دل! اڙي دل!

سدا سانگَ تنهنجا، نوان نانگ تنهنجا
گهرين چوٽ تازي، اڙي دل! اڙي دل!

محبت ڪرين پر، نه ڳالهيون نه ڳوڙها!
نه آهون نه آزي، اڙي دل! اڙي دل!

ٿيا روڪَ تو تي، نه سونا نه سينا
عجب بي نيازي، اڙي دل! اڙي دل!

سدائين پئي شيشه گر جي گليءَ ۾
ڪرين سنگبازي، اڙي دل! اڙي دل!

ڀلو ٿئي، ’اياز‘، اڄ ڀلئه پاتي توکان
نئين دل گدازي، اڙي دل! اڙي دل!

❑

شيخ اياز

ٻُڌا نہ آهن اجا ستارا، ڪڏهن تہ ايندين، ڪڏهن تہ ايندين
اجا وَئي ناهہ ويلَ پيارا، ڪڏهن تہ ايندين، ڪڏهن تہ ايندين

اجا نہ رابيل ماڪ ۾ تي پِڄي، نہ پويا اجا تہ ڳجرا
اجا نہ تيا باک جا نِهارا، ڪڏهن تہ ايندين، ڪڏهن تہ ايندين

اجا تہ تون هير ۾ ترين ٿو، اجا تہ تون سار ۾ ٻَرين ٿو
اجا تہ ڏيئا ٻرن ڏُڪارا، ڪڏهن تہ ايندين، ڪڏهن تہ ايندين

اجا تہ مرندس نہ ايستائين، ڏسان، ڪڏهن نينهن ٿو نڀائين
ڪيا ڪئي وارِ موت وارا، ڪڏهن تہ ايندين، ڪڏهن تہ ايندين

اجا تہ سورج ٻُڏو نہ آهي، شَفق لهي ٿي، نديءَ ٻُڏي ٿي
سواءِ تنهنجي مگر نظارا؟ ڪڏهن تہ ايندين، ڪڏهن تہ ايندين

’اياز‘ تون خواب، هُو حقيقت، تِئي ملاقات ڪٿي اوهانجي.
چيو اُتي مانس: پَر خدارا، ڪڏهن تہ ايندين، ڪڏهن تہ ايندين

□

سَرءِ اچي وئي بهار ڪان گل، وڏيڪ تو ۾ ڪِڙي پيا ڪِئن!
هوا تہ ڏاڍي ٿڌي لڳي ٿي، پؤنر هزارين مِڙي پيا ڪئن!

نہ مند آ پيار جي مگر چو، پکي اچن ٿا اِئين اُڏامي
چوان پيو ڪنب مورٽين جا، جِتي ڪٿي ائين ٿِڙي پيا ڪئن؟

ڇُٽي پئي تِير اچ جواني، نہ عمر جي آهہ ڪا نشاني
پکي گهري پچري اچن ٿا، خبر نہ آ ايئن ڇِڙي پيا ڪئن؟

لهي پيو سج، ندي نہ معلوم، ڪنهن طرف تي وچي اُڀري
’اياز‘ سورج مُکي ڏسان ٿو، تہ شام جو ايئن ڪڙي پيا ڪئن؟

❑

آءُ ينيءَ جو، ياٽي آءُ!
ڪيسين اڄ سُياٽي؟ آءُ!

ڪيڏو ڪانڪي آهي مَن
تو لئہ تيڙوءَ تاٽي، آءُ!

آءُ اسان جون اکڙيون اُگھہ
جهوريو آ جهوراٽي، آءُ!

تو بِن کهڙي قوڳ - قلارَ
ماٽا مُندَ نہ ڄاٽي، آءُ!

ساوڻ رهٽو ناهہ 'اياز'
برسيو آهي، هاٽي آءُ!

□

تون نہ آئين، نہ آئين، نہ آئين اجا
تو اسان کيٰ پيو آزمائين اجا!

آ گهڙو ڪا گهڙي، ڏس ٻڏين ٿي ٻڙي!
پريت ميهار سان ٿي نڀائين اجا!

ڪيچ جا پيچرا ماڻ چمڪي پون
ٻاهہ پنهور کي جي لڳائين اجا!

موت هڪ تاج آ، جيڪڏهن عشق ۾
تون، سُري سِر آڏيءَ تي جهڪائين اجا!

اي ’اياز‘ اُڳهہ اکيون، جي وياسي ويا
پُور ڪن جا پيو تُون پچائين اجا؟

دل جو رستو
شيخ اياز

نچي تـو مورُ چو مَن ۾، گهٽا گهنگهور آئـي آ
ڪَري تون اوڙڪون آئينءَ، وري مون دل لڳائي آ

اچن تا دور تان گهنگهرو، وڇين تي وڄ وانـگر تون
ڪئي ڪويل ائين ”ڪُو“ ”ڪُو“، وري ڪا ياد لائي آ

سرنهن جي چانوَ ۾ توسان، ملاقاتيون ڪيون جي مان
اِهي عُزلت نـشيني تـي ويـون، جڳ ڪان جُدائـي آ

خبر ناهي تہ تون چاهين؟ بہ تي پـرچائـيون آهين
آنڌاري رات آهـي ۽ اڪـيلائـي اَگهائـي آ

وري سوريءَ سـڏيـو اهـي، لـڏيـو ڪـوئـي لَڏو آهـي
اِهو ڪنهنجو ڦڏو آهي؟ گهري ڪـنهن هيءَ خُدائـي آ

هرڻ آيـو ترائـي تـي، لَهي تـو سڄ لَيارن ۾
نہ ڌرتيءَ تي خدا، تصوير ٻي اهڙي ٻڻائـي آ

اُتو اي ميڪدي وارؤ! رکـو هـي جام مـون پـارؤ
ڏسو هو سج سامهون، ميڪـدي تي اُس آئـي آ

وٽي تـي واٽَ هيءَ ساري، مٿان جيڪي بہ آ پيـاري
وڃي تو ڏانهن تـي اِن ۾، يلا ڪهڙي بُرائـي آ

❑

شيخ اياز

ٻي خبر ناهہ، پر مرڻ کان پو
تو سان گڏجڻ جون حسرتون رهنديون

جام و مينا رهي، رهي نہ رهي
منهنجي اکڙين جون عادتون رهنديون

زندگي تلخ آ، هجي نہ هجي
روح ۾ سوَ ملاحتون رهنديون

سرحدِ غم قريب آ اي دوست!
سات ڪيسين محبتون رهنديون

تنهنجي پهلوءَ ۾ ڪيستائين دوست!
ابنِ آدم جون جنّتون رهنديون

شاهہ کان پوءِ اي "اياز" ٻڌاءِ
سنڌ ۾ ڪنهن جون آيتون رهنديون

نارايڻ شيام

ڪڏهن ٻُلجي به ڪائي ڳالهه تو چوري، نه مون چوري
ملياسين ڪيئي ڀيرا پر اسان ويهي نه دل اوري!

اڳيان ايندو ڏسي توکي هٽي بيٺس ٿي پاسيرو
لڪي توڏي نهارڻ جي نه جٿن پڪڙي وجي چوري!

اُتي محفل منجهان تنهنجي هُئم جلدي وڃڻ جي، پر
بهانا پڻ مون ڳوليا دير جٿن ترسي سگهان ٿوري!

اکين حجت ڪئي توکان به آهن سَرس سهٽا ڀيا
مجي دل ويئي، پر اِن ڳالهه لاتي جيءَ کي جهوري!

ڀنهي جي لاءِ ساڳيو هو برابر هجر جو صدمو
مگر ان صبر تنهنجي تان ته منهنجي جندڙي گهوري!

هنئر تنهنجي وڇوڙي جو نه پر تنهنجو ئي ڏک آهي
سهي صدما محبت ۾، سياڻي ٿي ڇو دل ڀوري؟

ڇو پٿر مان ٿي فنڪارن تراشيون مُورتيون هيڏيون
ته جي ڪنهنکي ڏسڻ ۽ ڪنهن کي پائڻ جي هُئنِ لوري!

❑

دني، دپ جي ڪري اڄ پنهنجو پاڇو پڻ وتي آئي
جڏهن پي هونءَ ملڻ آئي، هميشه هيڪلي آئي!

اهوئي گهر، دريون ساڳيون، وريل تن تي وليون ساڳيون
مگر سا شڪل گل جهڙي ڏسڻ ۾ ڪينڪي آئي!

ڪُليل بي نُور اک وانگر لڳو پئي گهر جو دروازو
اچي بيٺيءَ تون در تي، ياڻءِ اُن ۾ روشني آئي!

بنهه وسري ويل چهرا ڏِٺي تي سال ويا جن کي
پرين! تنهنجي جدائيءَ ۾ اُنهن جي ياد پي آئي!

جدا ٿئين جنهن گهڙيءَ تي اُن گهڙيءَ ڪيڏو نه دل ترڙقي
انهيءَ کان پوءِ تنهنجي سار ساري زندگي آئي!

□

ڪنهنجي مَهڪي فِضا ۾ رعنائي؟
رات تارن سُگند ڦهلائي!

ڪو ڪلڻ ڪو رئڻ ۾ غرق ٿيو،
پنهنجي پنهنجي ٿي دل جي گهرائي!

تون هُئين ساڻ ته به سِگهِيس تو لئه،
تنهنجي پير ۾ به تنهنجي سار آئي!

دل گهڻو ئي گُهريو، نه ته به هرگز
التجا ڪا زبانَ تي آئي!

هِتي ٻولين ٿي جنهن ڪي، چانڊوڪي!
جاءِ ان صبح آهه بدلائي!

شيام چاهت وڏائي جيڏي مون،
دل جي ايڏي وسيع تنهائي!

❑

دل جو رستو

نارايڻ شيام

انهن ئي اکين آڳ دل ۾ لڳائي
انهن ئي اکين آڳ دل جي وسائِي!

انهن چور نظرن عجب کيڏ کيڏِي
محبت جتائي، محبت نٽائِي!

ڏسڻ جي نہ ڏيکاري هرگز ڏنائين
اکين ۾ چمڪ، ڇا هيس ائن ئي آئِي!

سَمهون جو ڏنائين جهڪايائين نظرون
مُڙيس جئَن، نظر هن نہ مون تان هٽائِي!

سندس گفتگو ڇڻ پراهون پڙاڏو
نگاهون اِئين، ڇاڻ ياکر ۾ آئِي!

هيو رقص ۾ 'شيام' هر انگ هن جو
نگاهون ملائي ٿي جئَن مسڪرائِي!

❑

فضا خاموش، پويون پهر، چُپّ تارا، اڪيلائي
مُنِي دل! توکي سڏڪڻ ڪاڻ هِيءَ ئي ويل هٿ آئي؟

وڄائي بنسري ڪنهن پئي پريان، پڙلاءُ پوندي ئي
يگن جي دائري ۾ پتڪندڙ دل جي اُداسائي!

هئي بس منهنجي دل ۾ روح پرور ياد تنهنجي ئي
ستارن پوءِ به پوئين رات چِت ۾ چٽنگ چٽڪائي!

اُٿيو اِئن سُور، مُنهن تي مسڪراهٽ ٿهلجي ويئي
مگر مون کي ڏسي هِئن، ڇا ڪون پرچي تنهنجي دل آئي؟

يگن جا راز چمڪائي ويو سينگار تنهنجو اِئن
نکاري چندرما جو عڪس جئن پاڻي جي گهرائي!

ڪيا تو ماڪ جي نرمي سان ظاهر راز راتين جا
مٺي سرهاڻ سواسن ۾ ۽ هِيَ ڇهڙيٰ تي سرهائي!

جڏهن پيي روبرو آئين، نظر سپ ڪجهہ نئون آيو
نئين نت تنهنجي گهبراهٽ، نئين نت تنهنجي پنهنجائي!

لڇي پئي ڏينهن پر سنڌوَ، هنئر ڪپرن کي ٿهلائي
ستارن کي چمي، پاڪر ۾ لاهي رات کي آئي!

❑

جتَن پورُ پچائيندي اک ننڍ ۾ آرسائي
هوءَ پر مان سُري منهنجي، ياڪر ۾ هلي آئي!

سرهاڻ اِئين ساروُن ڦهلايون، چري ٿي دل
پاڙان پٽي جوُهي مون ٻاهر ڪٽي اڇلائي!

ڳالهيون ڪندي سرتين سان گهر ڏانهن تہ موٽيءَ پئي
ڏسندي ٿي مونکي، شڪجي تو واٽ ڇو مٽائي؟

تو گود ۾ ٻالڪ کي جٽن تيج ڏني ويني
معصوم اُگهاڙپ تي پاڪيزگي للچائي!

گل تي ٿي تہ اک پيئي کو ٻيو ٿي نظر آيو
دُوري نہ رهي دُوري، ويجهائي نہ ويجهائي!

انبار هي عڪسن جو ۽ عڪس بہ ڏس ڪهڙا
ڏنڌلي ٿي اِئين ويئي آئيني جي اُجلائي!

اي’ شيام‘ رهائين ۾ کو حرف نہ هڪ چُلڪيو
ڪيڏي نہ هُئي تنهنجي گفتار ۾ گهرائي!

❑

پڙهندو ڏنئہ ڪتاب، پرينہ چرڪ: ”هيءُ ڇا؟“
اهڙو هرو ڀرو بہ ڇو سمجهئہ مونکي ڀلا؟

اهڙو بہ شرم ڇا لءِ جو سچ ڪانہ شڪي تجي
۽ ڳالهہ ڪا ڪجي نہ ڪڏهن ڪُوڙ ڪان سوا!

ڳالهين ڪندي بہ ڪوئي ڀيو هوءِ ڌيان ۾
نڪتي هئي تہ شرم ڪرڻ جي نہ ڳالهہ ڪا!

ڪندنِ ۾ هٿ وجهي چني آئينءَ تون گل ڪٽي
تنهنجا اٿين تہ هٿ بہ گلن کان نفيس هئا!

احساس جون نزاڪتون نِڪريئہ نگاهہ ۾
ڪنهنجي تہ سنگ ۾ هي نظارا اٿئي ڏٺا!

اڳ ۾ تون بات چيتَ ۾ ڪيڏو رُڪو هئين
تو اڄ بہ لفظ پيي جي چيا، پيار مان چيا!

منهنجا ٿي هٿ جهلي تو ڪٽي منهنجو مُنهن ڏٺيو
تنهنجين اکين ۾ ياوَ مگر مون ڏسي وتا!

❑

ڪچنار تار تار رڱيا گل بهار ۾
هر انگ هن جو حسن، فقط حسن پيار ۾

’سهڻي‘ بدلجي ’ڪيڏي نہ سهڻي‘ بڻي پئي
لڄ ڪان وڏيو لِڪاءُ بہ وڌندي چمار ۾!

جاڳائي دل ڪي، خواب ڏسڻ لءِ ڏئي وئي
اهڙو بہ ڇا هو تنهنجي انهيءَ هڪ نهار ۾؟

آڪاڙ ۾ بہ ڇانوَ املتاش جي تڏي
منجهند جي ويل سُوني لڳي انتظار ۾!

پرسان هئين يا پر ۾ هئين يا اڳيان هئين
ڪيڏو هِنئين تي تار هئو ليتي بُخار ۾!

جئَن جَئَن ڏٺئہ اکيون کٽي، نرمل تي من تِبُمر
تنهنجي نظر ۾ هوس ڪ گنگا جي ڌار ۾!

سچ جو ئي ڪوئي عڪس هئي هونءَ تہ ڪلپنا
پر ڪلپنا ئي سچ بڻي اي’ شيام‘ پيار ۾!

❑

نارايڻ شيام

نالي ٻڌڻ سان دل ائين تڙڦي سگھي نہ ها،
وسريل هجين ها، اک اِئين ڇلڪي سگھي نہ ها!

آهن دکي دلين جا ڪي ڳوڙها ڳڙيا هتي،
هيءَ خاڪِ ايترو نہ تہ چمڪي سگھي نہ ها!

تارن سان تنهنجو ذڪر نہ ڇيڙيان ها هجر ۾،
گذري نہ رات ها ڪي سحر تي سگھي نہ ها؟

گلشن منجهان ڪٽي ٻہ تہ هٿ ۾ ڪنيئي ٻہ گل،
جهولي ڀرڻ گھرين ها تہ ڀرجي سگھي نہ ها؟

سنڌوءَ ۾ جي نہ 'شيام' تہ گنگا ۾ اُيري ها،
اُيري نہ ها هي لهر، ائين تي سگھي نہ ها!

❑

پاڻ انڪار ڪَرين، زور پرين پاڻ پَئي
جيڪڏهن چاهين نٿي ايئن ڏسين چاڪاڻ پَئي؟

درد بي چين ڪَئي لوڪ جي لڄ ڪان نہ ڪُجي
دل ۾ چا سمجهہ پريءَ سونهن جي چڪتاڻ پَئي!

مون نہ ٿي سمجهيو تہ ايڏي اتم دل توسان
مون چيو رُس، بس پلي رس، ڪا اتم ڪاڻ پَئي؟

بس ملاقات جي ڏينهَن جي بہ ٿي شام اچي
وقت چاڪي ٿا چَون، چاڻ اها هاڻ پَئي!

زندگي ٿهڪ نہ پر 'شيام' ٺٺولي آهي
اڳي سوچيندو هُئس هاڻ مگر چاڻ پَئي!

□

استاد بخاري

ڏسي، مُرڪي، منا منهنڙو ڍڪي ورتئہ!
بڪاري ڪي ڳيو ڏيئي ڪسي ورتئہ!

اکين چاهيو، اجا دل ڪي بہ سُڌ ناهي
وڏو عاشق – شناس آهين، لڪي ورتئہ!

اجا انڪار ڪي ريڙهي ڪديئہ مس مس
حجاب ۾ هَور ڪي هڪدم سڏي ورتئہ!

ڪِڙي مُرڪئين تہ سهڻو گل ٽِڙي بيٺو
اتيئي گهنڊ پائي سو پَٽي ورتئہ!

صداقت وئي تہ پوءِ استاد سنگت ڇا
ڏِڪا ڏڙ ڇو نہ ڪائي سِر وڍي ورتئہ!

□

هڪ شخص هڪڙي شهر ۾ دانهون گهٽيون ڪيون
بي درد لوڪ بند ڪٽي در، دريون ڪيون

بازار ۾ انهن جا لڳي اشتهار ويا
ڳالهيون جي تو نہ مون سان، نہ ڪي توسان مون ڪيون

تنهنجيون اکيون ڪڪوريون، منهنجون ڳنيون ڳنيون
گونگين گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ سموريون سچيون ڪيون

هٿ ڪَن اٿئي ڳتين ڪَنَي ۾ جاسوس ٿئي هوا
هَل چنڊ تي چڙهي تہ ڪي ڳالهيون ڳجهيون ڪيون

پرتوَ تہ ڪونہ، دوستو، پرچي پوي بہ من
پئي گيت گيت يار ڪي منٿون يڪيون ڪيون

هڪ گل قطار ڳنئر تہ هڪ ڳنئر گنج گل
هِن باغ جي بهار جون کهڙيون ڪچيون ڪيون

بوتي اکيون نہ پيار جو ’استاد‘ پيچو ڪر
ڪيئي وتن ٿا قرب جون ڪاتيون تکيون ڪيون

❑

دل جو رستو

استاد بخاري

اتم ڇپ ۾ ڇرون ڇيرا، نٿو پڙڪان
اکين ۾ ڪنهنجا آڪيرا، نٿو پڙڪان

وڻيءَ هل باهه مونکي ڏور صحرا ڏي
هتي هن دوست جا ديرا، نٿو پڙڪان

اکيون ساڙيان، جلايان دل، لهي پئي لُڙ
اتم پر ڪنهن سان آڏيرا، نٿو پڙڪان

ڇڏيو دل ٻرُ هتي ڪائي وسهن ڪانهي
هوا ۾ واس واهيرا، نٿو پڙڪان

جلايان خار ليڪن يار لڳنديون باغ کي باهيون
لڪايا ڪٽڪ ڪانڊيرا، نٿو پڙڪان

پڀن ڪان پنبڻين تائين سڪي سانديم
پرينءَ جي پيار جا پيرا، نٿو پڙڪان

متان سڀ جنتون ٿڇڪي جهنم تين
هجو شاهد مٺا، جيرا، نٿو پڙڪان

بخاريءَ جو رڳو پاڇو بچيو آهي
ڇهايو تا گهٽا ڇيرا، نٿو پڙڪان

□

استاد بخاري

هوا کي چئو، پرينءَ جي گهر گهڙي آهسِتي آهستي
بڌِي بانهون، جُهڪي خوشبو چمي آهستي آهستي

ڪڪر پرتي هئو، هاڻي ته ڪا تارا زيارت ڪن
پري ٿيو روشني پيرين پوي آهستي آهستي

سويري سج جا ڪِرڻا ڪرڻ ديدار ايندا، سو
آسُر سان ماڪ ٿيهو ٿي ڏئي آهستي آهستي

اُتان طوفان ٿي پهتس، هِتان نڪران ته دم نڪري
ڪٿي ماٺو ابهرو آ، ڪٿي آهستيءَ آهستي

طلبَ واريءَ جي پِڪ ناهي، ڪٿي منجر جي چَر سمجهو
ٿيي آهستي آهستي، ٺري آهستي آهستي

ڏُکي راڪيٽ ڪان تڪڙو، پوي ڪاتي نه تاڻجي
صلاحون ڏيو زماني کي هلي آهستي آهستي

متان محسوس ٿئي دل کي، متان معلوم ٿئي من کي
تڏهن 'استاد' تو تڙبي لڇي آهستي آهستي

□

دل جو رستو

استاد بخاري

اداسائي عطر ناهي جو ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيان
اڪيلائي غزل ناهي جو پنهنجي منهن چئي ڇڏيان

جواني آهي جنهنکي آڳ رڳ رڳ ۾ لڳي وئي آ
ڪهاڻي ناهي جا ڪنهن نوٽ بوڪ ۾ ئي لکي ڇڏيان

ڇَپن سان نہ تہ چُني، چولي جي دامن سان اگهين ها مَن
گهڙي ڪن پير هيڏي ڪر تہ هي ڳوڙها اگهي ڇڏيان

نہ تو جاني نہ تي ننڊ ئي اچي، مڃري چوان تو مان
نِپوڙي چنڊ جو چهرو، ڪَتي، تارا چِني ڇڏيان

محبت تنهنجي سُرهي سرخرو تازي مِٽي ماڪي
سموري جي نہ تو ڏين، توري ذرڙي ڏي، چکي ڇڏيان

گهڙي ڪانپو مِٽيءَ جو ڍير هوندس، هينئر سوچيان تو
نچڻ جو موقعو ناهي تہ چاهي، ڪجھ لڇي ڇڏيان

جي جيئڻو آهي جڳ جڳ سو بہ انسانن ۾ عزت سان
تہ پو مُلهجي مرڻ ابنِ - علي توڪان سِکي ڇڏيان

نيايان رنگ، بُو سان دوستي، استاد چاهيان تو
سِٽون چَڪيون، ڪري تو يار، راهن تي رکي ڇڏيان

❑

دل جو رستو

استاد بخاري

ديذ گلابي دلبر تنهنجي، مُرڪ چنبيلي، ماشاءَالله!
نازڪ انگڙا، ريشم ڪپڙا، دل پتريلي، ماشاءَالله!

طرحين رنگ طبيعت تنهنجي، دنيا وانگر دَور نيارا
ڪٿ نخربلي، ڪٿ اربيلي، ڪٿ شرميلي، ماشاءَالله!

ڪڏهن اڪيلي مون وٽ منهنجي، هوءَ سَرهائي ناهي آئِي
اڄ بہ اتس ڪا ڳوڙهي ڳٽتي ساڻ سهيلي، ماشاءَالله!

سهسين تارا هڪڙي پاسي، باک بخاري هڪڙي پاسي
ميسارُي پئي ڪئين مايوسيون، آسَ اڪيلي، ماشاءَالله!

عقل آلايو: آڳو، پيچو جاچي پنهنجو پير وڌاءِ
عشق چيو: استاد، اتي پئو ”عيلي عيلي“، ماشاءَالله!

❑

هو پهتو پيار جي پچري وچڻ ڪانپو
أتي برسات، پيلي جي ٻرڻ ڪانپو

ڪنوڻ ڪِنوندِي تہ اونداهيءَ جو پئو پَچندو
لهي ٿو رنج جو الڪو ڪِلڻ ڪانپو

چپن ڪي چوربو چئبو تہ ڪجهہ بنبو
چون ٿا جڳ جُڙيو، پر ڪجهہ چوڻ ڪانپو

چيئين: پَئو ڪر، لچيو ساگر اتيو اوتر
چيم: ناچو پيو سهڪي نچڻ ڪانپو

استاد بخاري

وتوسون ڪشمڪش جو لطف جيئري ئي
مزو آرام جو وڃبو مرڻ ڪانپو

ڏنم ٿوڪُي وڏي جيون ۾ لذت وئي
هزاروٽو مزو تي ويو ملڻ ڪانپو

اُٿو سهٽيون، اُٿو ساهڙ نچون، ڳايون
متيءَ جو ڍير هونداسين مرڻ ڪانپو

ڪئي گل، تيل تي، خوشبو تي، پڪڙي ويا
بلاول دادلو تيو پيڙجڻ ڪانپو

ڪڪر ناهي بخاري، عشق ساگر آ
وري آگم ڪندو رهندو وسڻ ڪانپو

❑

تنهنجي خوشبو پڙهان خطن وانگي
تنهنجا نياپا چمان چپن وانگي

جوش: جهمريون، چهاوَ: چيرون ها
دل تي دهه دهه ڪئي دُفن وانگي

تنهنجي محبت لذيذ شاهد آ
مشڪلون مون ڪٽيون مزن وانگي

خوبصورت خيال جا سپنا
توکي سمجهيم لطيف فن وانگي

استاد بخاري

آڳ وِچڙيو وڃي امنگن کي
ڪاٻه وينگس سڏي وڏن وانگي

شعر ساقي، شراب موسيقي
لفظ، اوتي ڏين هٿن وانگي

شوقُ منهنجو جهاز تي گذريو
خوفَ، مون ڏي ڏٺو مڇن وانگي

جهومندي پون لڇي، پڇيم ڇو؟ چي-
آسمان تو تکي کفن وانگي

ڇو نه پهرو مري بخاري ڏئي
تنهنجو پاڙو مِنو وطن وانگي

❑

عشق هو، چرچو نہ هو، رؤنشو نہ هو
باهہ جو شعلو هو، گلدستو نہ هو

عين عيشن ۾ تَتي تڙپي پئي
اهڙي دل جو مون ڪڏهن سوچيو نہ هو

ديد، دل تي عشق آفاقي ڪيو
چؤطرف گهيرو هو، ڪو لوگهو نہ هو

جو وٺيو سو جيءَ سان جڙجي ويو
دل چيو، ڪنهن جي مٿان ٿورو نہ هو

مان بہ عيدن تي خريديان ها ڪٽي
پَر خوشي بازار جو سودو نہ هو

پَر بہ هو، ٽيون سال، چوٿون سال هو
دردِ دل هر سال هو، هڙو نہ هو

پيار جي سچ پچ خراب ۽ خوار آ
خوار هو هرڪو، بچيو ڪو ڪونہ هو

مفت ۾ محبت ڪانپوءِ لُٽجي ويو
ايترو 'استاد' اڳ سستو نہ هو

□

استاد بخاري

هاڻي تہ هلي آ نبي، هيءَ عمر وهامي ٿي
احساس اُجهامن ٿا، آس آ، سا وسامي ٿي

جي حسن املھ آهي، دل جي بہ بها ناهي
هڪ چيز خريديان ٿو، ٻي چيز وِڪامي ٿي

رِڃيءَ چيت هوا مهڪي، ريءَ چنڊ اڱڻ چمڪيو
شايد ته دعا منهنجي، اي دوست اگهامي ٿي

رَس جوش نوان جهٽ پٽ، نہ تہ راند ٿو هارايان
تقدير تہ ڪاتل آ، تدبير بہ ڪامي ٿي

'استاد' جي ڳوڙهن ۾، تون چو ٿو وڃين ڳوڙهو
جَيرو ٿو جلي جنهن دم، دل دوست اُيامي ٿي

□

ايم ڪمل

سنجيده تڪيائين پيو ۽ مُرڪي ڏنائين پيو
ڪجهہ حال ڏنائين پيو، ڪجهہ حال پڇيائين پيو

ڪجهہ شهر کي پيتو هن، ڪجهہ شهر پِيو ويو هن کي
ڪا چوٽ کيائين پيو، ڪا چوٽ سَنائين پيو

هئي چانوَ تہ ذلت جي، اُس ڪيس ڪيو مجبور
نفرت سان ڏنائين پيو، اکڙين تي کيائين پيو

امرت جو هئو پياسو، هيراڪ ٿيو وِهہ جو
ڪو خواب چڙيائين پيو، ڪو ڪوڙ مڃيائين پيو

هُو شهر جي جهنگل ۾، تنهائي جو ڪندر هو
چُپ چاپ رهيو جِيءَ ۾، آواز ڏنائين پيو

سڏ تي هو سُري آيو، حيرت ۾ وَجهي موتيو
جو ورندي ڏنائين پيو، در بند ڪيائين پيو

❑

ايرڪمل

بي خبر هُو، خدا جي قابل آ
درد دل جو دعا جي قابل آ

هرڪو پنهنجو نظر اچي ٿو مون کي
سادگي هيءَ سزا جي قابل آ

بيوفائيءَ جي آهَہ، دانهن ڪري
هيءَ ڇتي دل جفا جي قابل آ

ڦٽُ پراڻو نہ هلڪي ديد لهي
چوٽ تازي دوا جي قابل آ

خود کي ساراهي ٿو، ٺٺو ڇاٺي
خود ثنائي، گلا جي قابل آ

پوُرو ويسهُہ اٿس اسان ۾ اڄ
دوست هاڻي دغا جي قابل آ

نہ کِلي هُو سگهي نہ روئي سگهي
هن جي حالت دَيا جي قابل آ

❑

هَو ڊپ زمانو توکي پي مون کان جدا نہ ڪري
اهوئي نيٺ ٿيو، جو چيو، خدا نہ ڪري

پٺيءَ پٺيءَ تي لکيل آ فسانو گھاوَن جو
ڇُريءَ ڇُريءَ تي ڇپيل آ، ڪوئي وفا نہ ڪري

زبان تي آڻ نہ تون سڀ معاملا دل جا
ڪُلي ملڻ ڪٿي پيدا مفاصلا نہ ڪري

بنا لِکتَ جي رکيم خواب آسَ وٽ گِروي
خدا ڪري ڦِري انجام تان، دغا نہ ڪري

❑

ايمر ڪمل

ڪو تہ اک پيي ڪٽي، ڪٽڻ جي طرح
ڪو تہ دل پيي رکي، رکڻ جي طرح

نہ ڪٽي تنيو وهڻ، وهڻ جي طرح
نہ ڪٽي دل لڳي، لڳڻ جي طرح

ياد جي تڏڙي سان ڪُرڻ تو لڳي
ڦَٽَ نہ دل جو چِٽو، چِٽڻ جي طرح

درد ڦيرو ڏئي وريا دل ڏي
ڪو هتان ڪين ويو، وڃڻ جي طرح

چند بُوندون خوشين وسايون، پر
درد ئي آ وسيو، وسڻ جي طرح

مان تہ بي پوش ٿي ڇُليو آهيان
تون ڪٽي تو ڪُلين، ڪُلڻ جي طرح

پر ۾ هوندي پيي تون تہ دور وسئين
هت ڪڏهن تون هُئين، هُئڻ جي طرح

شعر ۾ نُور ڪيئن جهلڪي ’ڪمل‘
دل ڪٽي آ جلي، جلڻ جي طرح

❑

اهو آسرو ويو سڄي عمر ڇائي
سياڻي، سياڻي، سياڻي، سياڻي

خوشبيءَ جي سُڌ ناهي پر درد مون کي
سڃاڻي، سڃاڻيُ، سڃاڻي، سڃاڻي

جو ڄاڻي نہ ڄاڻي، اُنهيءَ کي چوان ڇا
نہ ڄاڻي، نہ ڄاڻي، نہ ڄاڻي، نہ ڄاڻي

مون لءِ هن وٽان زندگيءَ جو نياپو
ڪو آڻي، ڪو آڻي، ڪو آڻي، ڪو آڻي

هي غم زندگيءَ جا تہ بي لُطف ناهن
ڪو ماڻي، ڪو ماڻي، ڪو ماڻي، ڪو ماڻي

□

دل جو رستو

ايم ڪمل

نظر توسان ٻيهر ملائڻ تي دلٗ تئ
وري هڪ نئين چوٽ کائڻ تي دل تي

وري واٽ توسان وڃائڻ تي دل تي
وري دل جي ضد سان نڀائڻ تيٗ دل تي

وري بيوفا سان نڀائڻ تي دلؔ تي
وري عقل سان وَير پائڻ تي دل تي

وري واٽ تنهنجي پُڇائڻ تي دل تي
وري پاڻ تي جڳ کلائڻ تي دل تي

وري آسمان ڏي ڪجي ويون نگاهون
دعا ڪي وري آزمائڻ تي دل تي

وري صبر جا بند ٽوڙڻ تو چاهيان
وري روئي دريا وهائڻ تي دل تي

وري تن نگاهن ڪان مرهم تو طلبيان
وري زخمِ دل کي جلائڻ تي دل تئ

وڙي تو پُڇي حال دل جو هو مُرڪي
وري ڪيس شايد ستائڻ تي دل تي

❑

دل جو رستو

ايم ڪمل

هر مِهٽي تي ڏج مُرڪي، نہ تہ ڳالھ ڪُلي پوندي
ڪاوڙ نہ ڪجان تڪڙي، نہ تہ ڳالھ ڪُلي پوندي

چرچي تي ڪري چرچو، هن ڳالھ جو رُخ ڦيرج
اُتجان نہ ڪڏهن پڙڪي، نہ تہ ڳالھ ڪُلي پوندي

هُو مرڪي ڪندءِ طنزون، ٿهڪن جا پِتر هٽندءِ
تون رهج فقط ڪلندي، نہ تہ ڳالھ ڪُلي پوندي

زخمن تي رڪي آڱر، معصوم ٿي ڪوٿيندءِ
اُف پِي نہ ڪجان ڪائي، نہ تہ ڳالھ ڪُلي پوندي

هي لوڪ تہ ائن ئي بس افسانا گهڙيندا پيا
وڃجانءِ نہ تون ٻهڪي، نہ تہ ڳالھ ڪُلي پوندي

هر پَل پہ آرتو رک، هل چال پِي چؤتالي
ڏنگن سان ٿي پئہ ڏِنگڙي، نہ تہ ڳالھ ڪُلي پوندي

❑

ايمر ڪمل

رات چنڊ ٻيٺو رهيو هڪ جاءِ
دري ڪولي تون سُتي هُئينءَ ڇا؟

صبح خوف وَيڙهيل لڳو ٿي
تون ڇِرڪ ڀري اُٿي هُئينءَ ڇا؟

اڪ ڪڇيئه، نه ڪنڌ ڇَريئه، نه چَپ
اصل ايئن ماٺ مُٺي هُئينءَ ڇا؟

آرسيءَ کي ڀي رکيئه اجايل
خود پاڻ سان ڀي رُٺل هئينءَ ڇا؟

ساگر چُپ، ساحل اُداس هئو
جيءَ ڇولين سان ڇُلي هئينءَ ڇا؟

ڇو ڊڪندا هيٺ لٿا تارا
راهه ۾ ڪٿي مُنجهي هئينءَ ڇا؟

ڇو دل زور سان ڌڪي منهنجي
همت هاري ٿڪي هُئينءَ ڇا؟

هڪ سُرهاڻ وئي ڏونڌاڙي
منهنجي در تي رُڪي هئينءَ ڇا؟

□

ايم ڪمل

درد وڌندو تہ نہ ڪا دانهن، نہ فرياد ڪبو
دل کي آٿت ڪو ڏئي، مُرڪي توکي ياد ڪبو

صبر ۽ شڪر جو ڦل آهي مِنو، سڀ ٿا چون
ڪيسين تسڪين اها دل کي ڏئي شاد ڪبو

دل جو ڪندر تہ زمين جو ڪو ٽُڪر ناهي جو
اُجڙي ويو جي، تہ نئين سِر وري آباد ڪبو

تون وڇين وڃ تو، چاهين سدا کلندو ئي رهان
سدا کلبو ئي پيو، ڪيئن توکي ناشاد ڪبو

جنهن بہ وٽ تي ٿا وِهون، تنهن کي کهاڻي ٿي لڳي
پنهنجو آکيرو 'ڪمل' پوءِ ڪٿي آباد ڪبو

□

اھڙي تہ ھاڪَ آ ھلي تنھنجي شباب جي
لڄ، شرم ڪان ٿڙي نٿي مکڙي گلاب جي

توکي ڏسي لڪي تو گھٽائن جي اوٽ ۾
سامھون بِھي ھيءَ شڪل تہ ڏس ماھتاب جي

ھڪ امتحان آھي صنم، پيچ پيار جو
سِٽ سِٽ اُتار دل تي تون سِڪ جي ڪتاب جي

ديدار جي ئي پياس ۾ تڙپي نہ دم ڏيان
ديوار ٽوڙي آءُ تون رسم و حجاب جي

گر عشق پاپ آ تہ 'ڪمل' چاھي پَچ بڌاءِ
ڪائي تہ لِيڪ ڪينچ گناھہ ۽ ثواب جي

❑

امداد حسيني

عيد جو چنڊ تہ ناهيان، جو نهارين مون کي
مان ويل وقت تہ ناهيان، جو پڪارين مون کي

تنهنجي تصوير تہ ناهيان، جو ڏسيو پيئي ڏسين
تنهنجو آئينو تہ ناهيان، جو اُجارين مون کي

آءٌ ڪو زخم تہ ناهيان جو ڇُٽي جهٽ ۾ پوان
آءٌ ڪا ياد تہ ناهيان جو وسارين مون کي

ڪنهن سُڪل پن جيان لوڙهي تہ ڇڏيئہ لهرين ۾
مونکي پڙ چڙئي تون چو نہ ٿو تارين مون کي

دل جو رستو

امداد حسيني

ڪٿ نہ پيو سوچ جي ساگر ۾ ٻُڏان ۽ اُپڙان
ڇو نہ آڱر مان جهلي پار اُڪارين مون کي

مَئي پيارين يا ڪٽي زهر پيارين مون کي
هن جيئڻ کان تہ سٺو آهہ تہ مارين مون کي

صبحِ رخسار جي منزل جو مسافر آهيان
ڇو نہ تئي رات جو پاسي ۾ سمهارين مون کي

ڏانهن سمجهي تي ڊپائين مونکي دل ٿي دل ۾
ڇو نہ لڙڪن جيان رخسار تان هارين مون کي

تنهنجي پيرن ۾ پيل آهيان، غريب آهيان مان
تون سهارو ڏئي اي ڪاش، اٿارين مون کي

رات جي پوئين پهر توکي اگر ياد اچان
تہ متان سارين مونکي، ها متان سارين مون کي

ايڏو چالاڪ نہ تي، ايترو هشيار نہ تي
آءٌ 'امداد' نہ ناهيان، جو ڏتارين مون کي

❑

امداد حسيني

اسان روئي روئي ڪلايو تي جن کي
اڪيلا جي تيندا تہ رُئندا تہ هوندا

اسان جن کي چاهيو، اسان جن کي پوڄيو
ڏيئن سان سڄي رات جلندا تہ هوندا

جتان پاڻ وڇڙيا هئاسين، اتان اڄ
ڪئين هٿ ڏئي هٿ ۾ هلندا تہ هوندا

جتي گڏ تياسين ۽ راتيون زهيونسين
انهيءَ ڳوٺ تي مينهن وسندا تہ هوندا

جتان موتياسين پياسا ئي پياسا
اتي دورَ تي دورَ هلندا تہ هوندا

سڄي رات جوٽن تي جيڪي نُتا تي
اُهي نند ۾ چرڪ لهندا تہ هوندا

لڪي ۽ ڇُپي شام ويلي بہ پاڇا
انهيءَ وڻ جي ڇانئن ۾ ملندا تہ هوندا

❑

امداد حسيني

تون ڏسين يا نہ ڏسين آءٌ ڏسان يا نہ ڏسان
لوڪ سارو تہ ڏسي ٿو پِيو توکي مون کي

دينُ دنيا نہ ملي، ذات نہ ڪو ڏانءُ مليو
عشق ٿي عشق وديعت ٿِيو توکي مون کي

رات آئي تہ ستارا تي وياسين ٻيئي
ڏينهن سج وانگي اُجاگر ڪيو توکي مون کي

گهور گهنگهور گهٽائون ۽ هوائون پاڳل
رات اُماوَس جي، تِريءَ تي ڏِيئو توکي مون کي

ڦيريون پيرو ملڻ، ڦيريون پيرو نہ لڳو
ڇو الائي تہ ائين پاسِيو توکي مون کي

پوءِ سوري هجي يا سيج هجي اي 'امداد'
نينهن جيڏانهن بہ چاهيو، نِيو توکي مون کي

□

هونئن تہ توبن ڇا ڇا ناهي
جيون کي ڪا معنيٰ ناهي

پنهنجي پنهنجي گهَر جي اندر
ڪير آهي جو تنها ناهي

دل بہ ٻُڏي ويئي سيني ۾
محشر ڪوئي برپا ناهي

پٿر ٻٽجي لفظ وسن ٿا
شعر گُلن جي ورڪا ناهي

’امداد‘ ڪهاڻيڪار، ڪوي
ناهي ناهي، ها ها ناهي

□

ها، چوڪري ڪريون نہ ڪريون، نوڪري ڪريون
دل جي ڪريون، دماغ جي، يا پيٽ جي ڪريون

هن راھہ تان تہ سڄ سياٽي جو گذرندو
اونداھہ آہ راھہ، اچو روشني ڪريون

جنھن ڪان سوا گھڙي بہ گذاري نٿا سگھون
اُن ڪان سواءِ ڪيئن بسر زندگي ڪريون

ھُن سان ملڻ بہ آھہ اسان جو عجيب ٿيو
مُک تي رکون ٿا مُرڪ ۽ اک ۾ نمي ڪريون

’امداد‘ ڪونہ ڪو تہ جيڻ جو جواز ڳولھہ
جي دل نٿي لڳي نہ لڳي، دل لڳي ڪريون

□

روئي روئي ڳل ڳرهاتي پائجي
اڄ وري ھُن کي ھلي پرچائجي

سَت سهي سگهندي نہ تارن جي سِنگهر
کيستائين رات کي ترسائجي

دل تہ ھڪڙي داءَ ۾ جيتي وِئين
ھاڻ تون ئي چئہ تہ ڇا ھارائجي

سڀ رُٺل آھن اسان کان سڀ رُٺل
ڪنھن کي پَٽڪو لاھجي، پرچائجي

دل ۾ آهن ڪيتريون ئي ڳالهيون
تون نہ ڳالهائين تہ ڇا ڳالهائجي

هِن گهٽيءَ ۾ منهنجي گهر جي سامهُون
هڪ نئون فتنو پيو ساماڻجي

عشق پنهنجو ناھہ هولي آھہ ڇڻ
رنگ ۽ خوشبو پئي ورڪائجي

منهنجي ٻانهن ۾ اچڻ کان پوءِ ڇو
ايترو گهٻرائجي، شرمائجي

سڀ سُتل آهن هتي سيئي سُتل
ڪنهن کي ڪنهن کي ننڊ مان جاڳائجي

ڪنهن تبسم جو ڦُهارو ئي سهي
ڪو غزل جو شعر ئي فرمائجي

پياس جي آهي تہ پيارا لڙڪ پيءُ
ڪاٺڙو جي آھہ، دوکو کائجي

سَتَ سَري ڏُهري ڳچيءَ ۾ پائجي
اڄ هٿن پيرن تي ميندي لائجي

موت جي پرڏيهه ۾ اي هم وطن
زندگيءَ جو گيت شايد ڳائجي

❑

امداد حسيني

دل جو رستو

مان پريشان سهي، تون تہ پريشان نہ ٿي
مون کي حيران ڪري، پاڻ تہ حيران نہ ٿي

سهڻي صورت تنهنجي مورت سهي من مهڻي، پر
جانِ آهين تون اسان جي اِئين بي جان نہ ٿي

منهنجي لئہ تون ڀلي مشڪل سهي دشوار سهي
هرآويءَ لاءِ سويءَ لاءِ تہ آسان نہ ٿي

هِيروشيما جي حوالي سان سڃاتو نہ وڃين
جانور ٿي، ڪو پکي ٿي مگر انسان نہ ٿي

چاٽي واٽي ۽ سڃاڻي نظر انداز ڪرڻ
مانُ سنمان نہ ٿي ٿِين، نہ ٿي، اپمان نہ ٿي

هونءَ تہ وِک وِک ڇَپ هنيو وينا اتئي ڪُنڪا سوين
تون ملڻ چاهين تہ آهن رات جا رستا سوين

پيار ئي هڪ لفظ آهي پهريون ۽ آخري
هونءَ سڻڻ چاهين تہ آهن لفظ بي معنيٰ سوين

سوچ جو سورج تہ هر ديوار اورانگهي چڙهيو
هونءَ تہ هن سنسار ليکي پيار تي پهرا سوين

رات منهنجي ڪيئن تي ڪٽجي، اِها ڪنهن کي خبر
آس جا آتتَ هزارين، درد جا دڙڪا سوين

❑

دل جو رستو

امداد حسيني

وڇڙڻو ئي اگر آهي .تہ ملڻ ڇاجي لاءِ؟
رَتُ ئي آهہ جي رُئڻو تہ کِلڻ ڇاجي لاءِ؟

رَڙِ ئي ڪونہ ٻڌي ڪو تہ رڙڻ ڇاجي لاءِ؟
لُڙڪ ئي ڪونہ اُگهي ڪو تہ رُئڻ ڇاجي لاءِ؟

گل ڇڻڻ لاءِ ٽڙن ٿا تہ ٽڙڻ ڇاجي لاءِ؟
جي مرڻ لئہ جِيَڻ آهي تہ جِيَڻ ڇاجي لاءِ؟

مُنهنجي نالي جيان تون ڇو نہ رهين ٿي مون سان؟
هِئَن وڃڻ لاءِ اچين ٿي تہ اچڻ ڇاجي لاءِ؟

ڪير سمجهائيءَ .ڪي اِها ڳالهہ وڃي سمجهائي،
روح ۾ آهہ پنهون، رَوهہ رُلڻ ڇاجي لاءِ؟

جو ڪُڇين ڪان ٿي رڳو پير ڪپڻ ٿو چاٽي،
بي وڙي ساڻ پلا پير پرڻ ڇاجي لاءِ؟

جي نہ آهين تہ پلا فرق پوي ٿو ڪهڙو؟
اگر آهين تہ مِڃڻ يا نہ مِڃڻ ڇاجي لاءِ؟

لڙڪ ڪي لفظ ڪرڻ، لفظ ستاري جهڙو
اِي لکڻ ناهہ تہ 'امداد' لِکڻ ڇاجي لاءِ؟

❑

امداد حسيني

موتي اٿين نہ رول، تون موتي اٿين نہ رول
آئون جھليان ٿو جھول، تون موتي اٿين نہ رول

ڇا لئي ٿا نيري ڏنڊ ۾ ترندڙ ڪنول ٻڌن
ڪجھہ ٻول، ڪجھہ تہ ٻول تون، موتي اٿين نہ رول

اُت اُت اگھڻ تي آءٌ ۽ سُرهي هوا ۾ بيھہ
اڄ اڄ ۽ سچ ڪي ڳول تون، موتي اٿين نہ رول

هر لُڙڪ پَٽ تي پئي ٿو ڳجهي ڳالهڙي سَلي
دل کي اٿين نہ ڪول تون، موتي اٿين نہ رول

بازار ۾ هٽن تي خريدار سڀ سُڃا
موتين جو مَٽ نہ مول، تون موتي اٿين نہ رول

تون ٻار وانگي روئي پئين ٿي اي منهنجي دل
مون وٽ نہ شيءِ، نہ تول، تون موتي اٿين نہ رول

ٻاهر گهٽيءَ ۾ آهي ڪو جوڳيءَ جي ويس ۾
دروازي کي تہ ڪول تون، موتي اٿين نہ رول

آوارا بادلن جي پنيان ڪهڙو ڊوڙيو
’امداد‘ آهي رول تون موتي اٿين نہ رول

مخدوم طالب المولىٰ

سنگدل موم دل اگر نہ ٿيو
چٽبو، آهُن ۾ ڪو اثر نہ ٿيو

مون کي هاٿي کپي مسيحائي
ڪو علاجن مان ڪارگر نہ ٿيو

تنهنجي لوڏڻ تي پيڻ وري آيس
ڇا ڪريان، وقت هيڻن بسر نہ ٿيو

دل ٻلي تو کان مان رهان ويهي
وس گهڻو مون ڪيو، مگر نہ ٿيو

دل جو رستو

مخدوم طالب المولیٰ

سوين دنيا ۾ دقتون آهن
قيدخانو ٿيو، هي گهر نہ ٿيو

روبہ ڪعبہ، خيال ۾ هو بُت
مون ڪان واعظ هي عمر پر نہ ٿيو

جنهن کي ساقي ڪيئي پياري پر
مست ٿيو، پر هو بي خبر نہ ٿيو

تو روا مون تي ظلم ڪيو هر دم
خوب ٿيو، پر هي خوب تر نہ ٿيو

’طالب المولیٰ‘ هت ڪئي الفت
گڏ انهي ڪان نہ سيم و زر نہ ٿيو

❑

دل جو رستو

مخدوم طالب المولیٰ

جنهن ڏينهن کان دل دلبر سان لڳي، ڪلندو ٻه رهيس رئندو ٻه رهيس
پيا پاڻ ۾ گڏجي غم ۽ خوشي، ڪلندو ٻه رهيس رئندو ٻه رهيس

ظاهر تہ رکي تو يار تهڻ، باطن ۾ محبت پيار ڏيڻ
هي هن جي عجيب مان رمز ڏسي، ڪلندو ٻه رهيس رئندو ٻه رهيس

ڇا حال ٻڌايان دل جو ادا، هن عشق و محبت، درد سندو
جنهن وقت کان اک سان اک جا اڙي، ڪلندو ٻه رهيس رئندو ٻه رهيس

هن ساقي مهوش تان صدقي جنهن مست ڪيو متوالو ڪيو
هڪ جامِ شراب الفت پِي، ڪلندو ٻه رهيس رئندو ٻه رهيس

دل جو رستو

مخدوم طالب المولیٰ

ڪنهن وقت نگاهہ قهر و غضب، ڪنهن وقت ڪري ٿو لطف و ڪرم
دلدار ڪي دل جو حال ڏئي، ڪلندو بہ رهيس رئندو بہ رهيس

معلوم ٿيو محبوب مٿي پڇتايو ستم ڪان آهي اڄ
جنهن وقت اها سڌِ مون کي پئي، ڪلندو بہ رهيس رئندو بہ رهيس

برسات ۽ بجلي جا جلوا، شڪوا ۽ شڪايت دلبر سان
ياد آئي جڏهن ڪا اهڙي گهڙي، ڪلندو بہ رهيس رئندو بہ رهيس

هڪ ڏينهن چيو محبوب سندم جو چوٿو اٿئي سو چئو هاڻي
افسوس سگهيس ڪجهہ ڪين چئي، ڪلندو بہ رهيس رئندو بہ رهيس

هڪ وقت ملڻ جو آيو پر چپ چاپ ۾ ئي سو گذري ويو
سهڻي جي اڳيان مان رات سڄي ڪلندو بہ رهيس، رئندو بہ رهيس

دلبر سان جڏهن پيوند لڳو، دردن ۽ غمن پڻ ساٿ ڏنو
هڪ حالت منهنجي اهڙي بني، ڪلندو بہ رهيس رئندو بہ رهيس

هن پائي ڳراٽي مون ڪي چيو اي 'طالب موليٰ' پرچ پيلا
مان سڏڪا پريندي آهہ ڪٽي، ڪلندو بہ رهيس رئندو بہ رهيس

❑

تنهنجو آهيان تہ بي جو ٿي سگهندس؟
آءٌ توکان سواءِ جِي سگهندس؟

تنهنجو آهيان ۽ تنهنجو ئي هوندس
بي طرح زِيست ۾ هلي سگهندس؟

تون ڪٿي چئو اي منهنجا محب مٺا
تنهنجي هٿ کان سوا بچي سگهندس؟

هر قدم قرب ۾ ڪنيو آ مون
ڪو ڇوي هاڻ ڪيئن وري سگهندس؟

دل جو رستو

مخدوم طالب المولىٰ

سر ڪي تنهنجي اڳيان جهڪايو اٿم
غير آڏو ڪڏهن جهڪي سگهندس؟

پير تنهنجا چُميا اٿم جاني
ٻئي ڪنهن جا پلا چُمي سگهندس؟

دل تہ هڪڙي هئي جا توکي ڏنم
ڪنهن بہ ٻئي کي وري ڏئي سگهندس؟

آءٌ تنهنجي ڳلي لڳو آهيان
ٻئي جي دامن پلا وٺي سگهندس؟

تون ئي منهنجو تہ آهين بخت بلند
ڌار توکان ڪڏهن رهي سگهندس؟

مان تہ تو ساڻ گڏ ٿيان ٿو پرين
چئو سڄڻ! غير سان ٿي سگهندس؟

ڏٺڪو آهيان نڌٽڪو مانِ ناهيانِ
پو ڪنهين کان ڪڏهن ڊڄي سگهندس؟

طالبِ مولىٰ هوندي تنهنجو آهيان
هر ڪنهين کي مان هيئنِ چئي سگهندس؟

❏

دل جو رستو

مخدوم طالب المولي

ڏبي دل جنهن کي، ان تان ساهه، سر، گهر گهورڻا پوندا
سڄڻ سان نينهن جا ناتا هميشه تورڻا پوندا

وڃي هي عرض ڪر دربان منهنجي يار جاني کي
گهرائيندين ته البت حال دل جا اورڻا پوندا

ڪريو سَدَ ڪينڪي سڏڙيا ڪرڻ الفت ڏکي ڏاڍي
اوهان کي پنهنجا سر آخر ڪلهن ڪان ڪورڻا پوندا

ڪچين ناصح متان، تنهنجو وڃي ڇا مون ۽ دلبر ۾
جي نه ته ان وقت مجبوراً ٻه ٽي چمپ چورڻا پوندا

پنهل جي پوئتان ويندي چيو سسئي ٽي سرتين کي
پٽو کهڙو ته پائي پيچ ڏونگر ڏورڻا پوندا

ٺيڻ صراف چرچو ناهه ڪو انصاف گهرجي ٿو
ڏُکا ماسا پري ٽيا پر هتي تِرَ تورڻا پوندا

اديون آتڻ وهڻ سولو، ڪتڻ ڏاڍو ڏکيو آهي
اچو سنيري هتي سرتيون جو چرخا چوڙنا پوندا

نياڻڻ جي گهري ڪو يار سان اي 'طالب المولي'
ته صبر و ضبط سان سڀ ان کي جذبا جهورڻا پوندا

❑

دل جو رستو

مخدوم طالب المولیٰ

اچن تا سيرِ چمن لءِ بهار ۾ گل رخ
گلن کان خوبتر آهن وقار ۾ گل رُخ

جڏهن نگاهه ڪئيو تا ڏسن محبت مان
وجهن تا روح نئون بيقرار ۾ گل رُخ

ڪجي چا ڏوهه اسان جو نه آهي اي واعظ!
ڪريو تا منت چڏن هڪ نهار ۾ گل رُخ

ستايان خوب انهن ڪي هو جيئن ستائن تا
ڪڏهن جي آيا ڪٿي منهنجي پيار ۾ گل رُخ

اسان هي درد فراق آهي ڪيو قبول تڏهن
تا خوش ٿين هو جڏهن حالِ زار ۾ گل رُخ

پريشان ڪين ٿيون ها هميشه ههڙي طرح
اسان جي هونِ ها جي اختيار ۾ گل رُخ

ويس جو ڪالهه هلي گل رخن جي محفل ۾
ڏٺا مون محوِ سيئي حسنِ يار ۾ گل رُخ

نه بي خطر ٿي هنن ساڻ هل تون اي 'طالب'
هزار خار رکن تا ڪنار ۾ گل رُخ

❑

وفا ناشن شاهي

برسي پئي برسات - وڃين ٿي ڪاڏي
حيرت ۾ اڌ رات - وڃين ٿي ڪاڏي

روپ جو ناهي ديس، گهمي ڏِس دنيا
پيار جي ناهي ذات - وڃين ٿي ڪاڏي

تنهائي، ويچار، انڌيرا، ڳٽيون
اي منهنجي پريات - وڃين ٿي ڪاڏي

اُڇليا مون هٿيار، هلي آ هاڻي
ٿي وئي منهنجي مات - وڃين ٿي ڪاڏي

رَت جا رشتا ڪُوڙ نہ هوندا آهن
ٿي منهنجي ماسات - وڃين ٿي ڪاڏي

حسن جي دروازي تي بيٺل سائل
پيار گهُري خيرات - وڃين ٿي ڪاڏي

تو تہ چيو هو ”تنهنجي آهيان تنهنجي“
هيءَ ڪنهن جي بارات؟ - وڃين ٿي ڪاڏي

ڏات سوا فنڪار ’وفا‘ اڻ پُورو
تون آن منهنجي ڏات - وڃين ٿي ڪاڏي

□

دل جي بندوق هٽي ڇڏ مون کي
اک جي رستي تان ڪٽي ڇڏ مون کي

ڇو تو ٽُڪرائين ننڍڙڪن وانگر
ڪنهن جي ڏڻ سان نہ ڏٽي! ڇڏ مون کي

پيار جا پنڌ، جبل جون چاڙهيون
آهہ تڪليف گهٽي - ڇڏ مون کي

فصل گل تائين رهي، جا آئي
ويئي پن ڇڻ ۾ ڇٽي - ڇڏ مون کي

گهر نہ ڇڏ - آءٌ رُڃن جو راهي
ڇا ڪنڊينءَ هڪڙي ڇٽي - ڇڏ مون کي

مُونکي پيشانيءَ تي لاٿڻ ڏي 'وفا' !
پنهنجي پيرن جي پَٽي - ڇڏ مون کي

❑

تون ۽ مون سان پيار ڪندين، هل ڪوڙا
گهور سچو سنسار ڪندين، هل ڪُوڙا

سيني کي ٽُڪرائيندين مون خاطر!؟
رنجيده هر يار ڪندين، هل ڪُوڙا

سڀ ڪجهہ گهوري، سر جو سانگو لاهي
چاهت جو اقرار ڪندين، هل ڪُوڙا

مون سان گڏجي، مظلومن جي حق ۾
هر ظالم تي وار ڪندين، هل ڪُوڙا

عيسيٰ ۽ منصور جان، سچ جي خاطر
يار! ادا ڪردار ڪندين، هل ڪُوڙا

ڪيئن ڪندين آباد وفا جو جيون
پن – چڻ کي گلزار ڪندين؟، هل ڪُوڙا

□

توکان سواءِ ڪنهن سان محبت نٿو ڪيان
مان ڪنهن ٻئي خدا جي عبادت نٿو ڪيان

مون ٿي بہ هڪ چٽي ٿي ڪري ڪونہ اکتفا
ڪنهن هڪ چٽيءَ تي مان بہ قناعت نٿو ڪيان

ڪنهن سان رعايتن جو سوال ئي نٿو اُٿي
مان پاڻ سان بہ جڏهن رعايت نٿو ڪيان

اڪ اڪ جي آ شناس ۽ دل دل جو پاس آ
اي دوست! صرف توسان محبت نٿو ڪيان

انسان آهيان، پيار بہ انسان سان ڪندس
محسوس ڪنهن پريءَ جي ضرورت نٿو ڪيان

بي لوث آهي توسان عقيدت خداءِ خلد!
جنّت جي آسري تي عبادت نٿو ڪيان

مٿي هان، منهنجو پيار آ، مٿيءَ سان تنهن ڪري
جنهن سان ڪيان ٿو پيار، عنايت نٿو ڪيان

❑

نوجوانيءَ جي ملاقات وفا! سانوڻ ۾
حُسنِ عالم تي لڳي رات وفا! سانوڻ ۾

غسل خاني مان جو نڪتو تہ مون کي ائين لڳو
جيئن نظر ايندي آ پريات – وفا! سانوڻ ۾

باقي دنيا جو ڪوئي شخص هجي يا نہ هُجي
پر هُجان مان ۽ سندس ذات وفا! سانوڻ ۾

هار ۽ جيت جو احساس ۽ تنهنجون مُرڪون
منهنجي لڙڪن کي نہ ڏي مات وفا! سانوڻ ۾

سج ۽ چنڊ جي اڪيوٺ سندي منظر ۾
نہ ليي ڏينهن، نڪا رات وفا! سانوڻ ۾

حُسن جو پُوت فقط ذهن تي سوار رهيو
نہ ڏِٺم ذات نڪا پات وفا! سانوڻ ۾

جيئن پيغامبر وقت مٿان ٿئي ٿو نزول
تي وسي شعر جي تيئن ڏات وفا! سانوڻ ۾

تُون بہ ٿر جهڙو بدن آلو ڪري وٺ چريا!
تي ٿئي مينهن جي خيرات وفا! سانوڻ ۾

□

مونکي ڏيئي طويل تنهايون
ويو هليو گهر، وڃائي شهنايون

تجربو تجربو گواهي آ
عاشقيءَ جو حصول رُسوايون

سارو عالم رُتل رُتل آهي
ڪنهن سان پرچون ۽ ڪنهن کي پرچايون

هڪ نه ٻئي جي ضرور لڄ رکندو
دوستو! گڏجي هُن کي سمجهايون

جنهن جي پرچڻ جو شرط مؤت هجي
اهڙي ظالم کي ڪيئن پرچايون

مونِ محبت سان جنهن جا پير جَهليا
ويو هليو نفرتن سان ٺُڪرايون

حُسن دولت جي، ڇيڇڙي ۾ وفا!
فاقه ڪش حسرتن جون پسپايون

❑

عشق ڪان مختلف فلسفو عشق جو
ڪنهن کي شايد پتو ڪونہ پيو عشق جو

آئينن جي حوالي ڪري پاڻ کي
حسن وارن ڪيو تذڪرو عشق جو

سنگساريءَ جو بي رحم عالم ڏسي
ٿي ويو هر بُرو، هر پلو عشق جو

نيڻ، ڪِشتن جيان، دل خزاني جيان
عشق ٿي ٿو ٿئي تبصرو عشق جو

ڪوئي ڀَرٽو هجي، ڪوئي پَرٽو هُجي
ذڪر ٿيندو رهي ٿو رڳو عشق جو

ڪجھ پڙهيس، ڪجھ ڪڙهيس، ڪجھ ٻڌم، ڪجھ ڏٺم
آهہ دنيا ۾ حامي، نہ ڪو عشق جو

جسم جادو ڪٽي، روح سپ ڪجھ 'وفا'!
آءٌ معيار ڪيرايان ڇو عشق جو

زماني کان ڪري تنها ڏنو ٿئي
نوان ماڻهو اسان ۾ ڇا ڏنو ٿئي

جڏهن پي پاڻ کان تنها ڏنو ٿئي
رُڳو چارا، رڳو رستا ڏنو ٿئي

سچو سنسار ئي پيارو لڳي ٿو
جڏهن کان پيار سان، پيارا ڏنو ٿئي

ڪڏهن دريا مُنجهان قطرو ڏنو ٿو
ڪڏهن قطري منجهان دريا ڏنو ٿئي

ڏنو معشوق هُوندو سَتر ۾ ٿو
مگر عاشق سدا رُسوا ڏنو ٿئي

جڏهن پي توسان گڏ مون کي ڏنو ويو
بدن منهنجو تيل ٽڪرا ڏنو ٿئي

محبت جا ’وفا‘ ڪئي روپ آهن
ڪٿي دريا، ڪٿي صحرا ڏنو ٿئي

❑

'وفا ناٿن شاهي

وئين جڏهن ڪان پير پائي باغ ۾
باغ پيو پاسا ورائي باغ ۾

رنگ ۽ خوشبوءِ جي پويان رُلي
پاڻ کي وينس ڦرائي باغ ۾

شهر تنهنجي ۾ اڻين مُنهنجو وجود
جيئن ڪو مالهي پرائي باغ ۾

تنهنجي واعدن سان ڪچهري ٿو ڪيان
آس جي چادر وڇائي باغ ۾

تون به وئين، گُل ٻي ويا هاڻي مٺا!
ڪير وينو ڏوڙ پائي باغ ۾

ٻند اکيون موسمِ گُل جون 'وفا'!
ڪو پيو ڪپڙا مٽائي باغ ۾!

□

نہ قرض پالي سگهان ٿو، نہ پيار ساهيڙي!
ٻڌاءِ اهڙي جيئڻ مان مُراد ڇاهي ڙِي؟!

نہ مون کي توئي سُڃاتو، نہ توکي مون سائڻ
اسان ٻنهيءَ جي بصيرت تي حيف آهي ڙِي!

مڃان ٿو تنهنجي محبت بہ زندگي آهي
مونکي اصول جي سوريءَ تان ڪير لاهي ڙِي!

ٻَڌي ڪفن ۾ ڪٽي ويو هزار ڏک تنهنجا
ٽٽي ٽڏيءَ ۾ ويو توسان جو نباهي ڙِي!

ڊهي پئي آن تہ ڇڏ هاڻ پنهنجي قسمت کي
نٿين سنئين ڪان وري ڪير توکي ناهي ڙِي!

هُو تنهنجا ٿورا نہ لاهي سگهيو تہ ڳائيندو
'وفا' غريب سهي، بي ضمير ناهي ڙِي!

❑

ذوالفقار راشدي

سندر سپنا، نازڪ ناتا جلدي وڪري ويندا آهن
ننڊ ۾ جيڪي ايندا آهن، ورلي ڪنهن جا ٿيندا آهن

رڃ جي پوياڻ ڊوڙي ڊوڙي هرڻا – مهري مرندا رهندا
روپهري ۽ ڏنڊلا دوڪا ڏاڍا پيارا هوندا آهن

جيڪي جيءَ ۾ جايون جوڙن، جيڪي اک ۾ ماڻڪ پوئن
اهڙا سهڻا، سيبتا ماڻهو صرف سڪائڻ ايندا آهن

پاڳ اياڳ جون ساريون ڳالهيون، مونکان مور نہ وسرڻ واريون
مون پارا سڀ راز سهيڙي ساڻ قبر ۾ نيندا آهن

سر ڪي جي سوداءُ ڏين ٿا آخر دل کي داغ ڏين ٿا
ساهہ سيباڻا ساٿي ٻٽجي دلبر دوکا ڏيندا آهن

ٻاهر جيڪو ڏيل ڏسو ٿا، اندر ايڏو نازڪ آهي
ٿانڪونٿڙن جذبن جا قلعا پورا پتاشا ٿيندا آهن

□

جيءَ چڏيو جهوراٽن جهوري، ساھہ ڪڍيو تنهائي
ورهن ڪانپوءِ مس مس توکي ياد اسان جي آئي

سالن کان پوءِ سپنن مان هينئن چرڪ پرايئہ چالئہ
ساٿي ساٿي ساھہ سٽل تي چٽنگ اوهان اچلائي

ريهہ ڪرايئہ روح کي منڙي، ساھہ کي سڏڪا ڏياريئہ
ڪيڏي ظالم ياد آ تنهنجي رڳ رڳ جنهن تڙپائي

توسان گڏجڻ جي سَڌ هاٿي خام خيالي چئجي
ڏينهن ٿيا جو توکي ڏسڻ جي اکڙين آس وڃائي

ڪنهن نہ اسانجي سور کي سمجهيو، ڪنهن نہ اسانکي چاتو
هاءِ، وڃائي اسان اجائي سانت ۽ سک، سرهائي

روح اوهانجو، راز اوهانجو، پيار، جمال، جواني
تات اوهانجي، ياد اوهانجي - هرڪا چيز پرائي

ڳالهہ اسان جي، چال اسان جو مٺ ميناج کان خالي
وقت ڪٿي آ جاڙ، اسان سان قسمت ڪئي ارڏائي

❑

توبهہ، هي انتظار اسان کان نٿو پڄي
لٿجي وڃي قرار، اسان کان نٿو پڄي

منڙن جا ڏنگ دل ۽ جگر تي جهلي هزار
نانگن تي اعتبار اسان کان نٿو پڄي

گلڙن جي انتظار ۾ اکڙيون کليون رکون
تا موسمِ بهار، اسان کان نٿو پڄي

ساقي، اها تہ ٺيندي خوشامد جي انتها
چئون سرءُ کي بهار، اسان کان نٿو پڄي

ڪنهن چلڪڻي ۽ شوخ چيو، ڏڇنا ذوالفقار!
توسان ڪريون پيار! اسان کان نٿو پڄي

□

خواب ڪيِ پنهنجو سڏڻ مان فائدو؟
واءَ ڪي ڏاڍا ٻڌڻ مان فائدو؟

پنهنجي اُڏمن جي اُگهڙ ڪان تي لِڇي
آئينا پورڻ، ڏڪڻ مان فائدو؟

پيار ڪي انڪار جو اوڙهي نقاب
هانوَ تي نوڪر سهڻ مان فائدو؟

جنهن جي هڪڙي مرڪ پي تنهنجي نہ آ
تنهن جي لئہ روئي پوڻ مان فائدو؟

ڏيان سپ لوڙهي چڏڻ وچ سير ۾ —
سُرت ڪي گهوتا ڏيڻ مان فائدو؟

اٿڏن جي موهہ ۾ پلا موهجي
ايترن ڦاهن ڦڪڻ مان فائدو؟

جي مرڻ چاهين مري وڃ – ’ذوالفقار‘
مرض ٻڌجي هينئن جيئڻ مان فائدو؟

□

قصو تہ عاشقيءَ جو آ مگر وري بہ ٹيان سان
ڪريان ٿو پيش پنهنجي دل ڪي ذهن جي زبان سان

اجا بہ سوچ جو سڳو تہ ساهہ سُنئون ڳنديو اچي
حنوط هوش ڪين ٿيو حسين داستان سان

ڏڪايو ڏِيل ڏاڍ ۽ ڏِنپ ڏين ڏاهپون
وجي پيو آ واسطو دجال جي جهان سان

دلين جي واردات ڪي ڏسو پسو تہ، ساٿيو!
نباهيو جيئن بہ ٿي سگهي مگر وري بہ شان سان

ٽڙيا ڪڙيا جي غنچا، گل چنيٰ پيا، سڪي ويا
الائي ڪهڙي ڪار تي اسان جي گلستان سان

نہ نانءُ آ نباه جو، نہ ڇهڇٽو آ چاهہ جو
تہ چنڊ ڪهڙي خيال سان رهي ٿو آسمان سان

اداس روح جي دنيا، اجاڙ دل جون واديون
سُجهي ٿو ڪوئي سوجهرو نہ ڏيان سان نہ گيان سان

وڃي ٿو ساهہ سانت ۾ ڪُڇو پُڇو تہ دوستؤ
متان مُٺا بہ جِي پون بهار جي بيان سان

جڏهن پيي ڪنهن جي ياد جا ڏيئا ٻرن ٿا ذهن ۾
تہ لاٽ تن جي نُور جي لڳي ٿي آسمان سان

❑

منهنجو سَتُ سڪائي ويندا سپنا ۽ تنهائي راتيون
ڪير گذاريندو گڏ ويهي سانوڻ جون سودائي راتيون

منهنجو ساٿ نہ ڏيئي سگهنديون، سڪ ڦٽائي اڌري، وينديون
ليڪن مونکي ياد تہ رهنديون هرڏاتي، هرجائي راتيون

نانءُ نہ ڄاڻان، ٿانءُ نہ ڄاڻان، رنگ نہ پرکيم، روپ نہ سمجهيم
پوءِ بہ اکڙين اوسيئڙي ۾ ڪنهن لئہ ننڊ ڦٽائي راتيون

ڪيپ اکين ۾، ٻئن چپن تي، خوابن جو مانداڻ مٿي ۾
اُپ ۾ تارن جي جهرمر سان سينگاريل سُرمائي راتيون

ذوالفقار راشدي

ماڳ سندي مومل کي ماڻيو ’ناتر‘ تي ئي هرک نہ هاريو
جيڏن سرتن جي صحبت ۾ ڳالهہ اها سمجهائي راتيون

جادوءَ جي آڪاس جا قيدي تارا سڀ سوداوَن ساڙيا
سيني ڪارنهن جي سيني ۾ سورن - راند رچائي راتيون

هائو، ههڙي وِلهہ ۾ وينا ڪي ديوانا ڪائيون سورين
وڏ - ڦُڙيئي جي آڏو پي جن جيون - آڳ جلائي راتيون

ڪين ڏهاڳ قبولي ڳهيلي، جنم جنم کان ننڊ ڦٽائي
اوجاڳن سان پالي آ جنهن سُرت، سماءُ، سچائي راتيون

جوين ڪائي جوت نہ بخشي، دامن ۾ ڪا دولت ناهي
تنهنجي پرين پکي ۾ پنئجي سيني منجهہ سمائي راتيون

❑

جيئن ديد ملي، دل بہ رلائي تہ ڏسان ها
ڪنهن نانوَ سان مان نانءُ ملائي تہ ڏسان ها

ڏسجي ها چڪيائي جو ٿئي حشر ٿو ڪهڙو
تابوت محبت جو جلائي تہ ڏسان ها

هڪ ڀيرو اجازت ٿو گهران، صاحبِ صورت
ڪي لحظہ توکي سيني سان لائي تہ ڏسان ها

هڪ رات رڳو تنهنجي نگاهن ۾ نهاري
نيٺن مان سنڌءِ پرت ڪي پائي تہ ڏسان ها

تشريحِ وفا مونکان مڪمل نہ ٿئي ٿي
ويجهو آ وفادار، چتائي تہ ڏسان ها

الزام ۽ بهتان تہ پيٽيءَ ڪان ٿي ٻاهر
مان پي ڪي پرينءَ لاءِ هُلائي تہ ڏسان ها

❑

سانجهيءَ تاٽي ڪهڙا ڪهڙا سر ڪي ويا سوداءَ ڪٽي
ڇڏڻو آهي هنڌ اُهو پي جيڪا دل کي جاءِ وٽي

چوڏاري وارياسو آهي، رُڃ نہ لاهي اُڃ، الا
پٽ پياريم پاٺان ويتر نيڻن مان پئي بوند ڇٽي

لال ڪنواريون ٽڙ ٽڙ ڦرڪن: ’هئہ يئہ شل ڪا لڄ بچي
ايلپٽهوارن وانگر آهن وندر جا هي واٽ - ڏٽي

تنهائي، ويراڳ - ولهوتا، واتون اوڪيون، وڪ وڪ تي
دهمانن سان دل توڙيائون جنهن سان پي ڪا ڳالهہ ڳٽي

راتين جي اونداهي آئي وهمن جا واسينگ وٺي
جوڳي، منتر، مانڊا، مرليون - سڀ کي ويئي زهر ھٽي

ٺانڊاٺا پيي ٺمڪي ساٺا ٺيندي نيٺ سٺا
ڀوسل ٺي پاسيرو ھرڪو، رات اُٺي برسات گھٽي

باڪاٺي جا ياڳ اسان وٺ ايندي ايندي لٺجي ويا
سيج - سٺن کي پوئين پهر ۾ ويئي نياڳي ننڊ ڪٽي

منھنجي اندر جي اوجهڙ ۾ ٺاٻا ڪاٺڻ ڪونہ اڇي
اڳ ٺي پل جي پريت - پڪيئڙن ڦڦڙن ۾ ڦاسائي ڦٽي

سامھن ڪنهن جو دونهون آهي جنهن ۾ پيئي لاٺ ٻري
پانيان اُن ٻاهين جيَ ٻر ۾ دل وارن جي آهي دُٺي

□

دل جو رستو

ذوالفقار راشدي

ٻري ٿو دل جي گهر ۾ عود ۽ عنبر صبح تائين
سجائي مان رکان ٿو پيار جو مندر صبح تائين

ڏکي ٿي چٽنگ اوسيئڙي جي سومهڻيءَ سان، او سائين
جلي ٿو ڪنهن ڏکي انسان جو اندر صبح تائين

حسين لفظن جا پهري تاج آيون شعر جون ديويون
ڏسان ٿو دست بستہ طغرل و سنجر صبح تائين

پون ٿيون سوچ سهڻيءَ تي سدائين نُور جون لاٽون
رهي چانڊوڪين ۾ روح ٿو سُندر صبح تائين

تصور تان چڏيان گهوري عمل جي زندگي ساري
ڪيو آ سوٽهن جي سپنن هتي لنگر صبح تائين

اسان جي ساهہ ۾ آهي سمايل اپڇرا جهڙي
رهي ٿي دل هميشه ڪنهن پريءَ جو گهر صبح تائين

پرستانن جي رنگيني اُسان سپنن ۾ پئي ماڻي
رهيو باغِ اِرم ۾ روح جو اندر صبح تائين

□

ڪاٿي وانگر تتي چٽي پيا رنگا رنگي سارا سپنا
ڪير اسان کي موٽائي ڏئي اهڙا نازڪ، پيارا سپنا

رات نہ ڳايم راڳو، پانيان بين پڇي پئي، هاڻ ڇڇي پيو
هاءِ لُٽي ويو ڪوئي ارڏو منهنجا راتين وارا سپنا

آس تہ اڄ پڻ جيئري آهي، جيون راس نہ آيو تہ ڇاهي
اوندهہ ۾ پڻ جرڪن ڀڪن جيون جا سيپارا سپنا

خوابن جو آ ڪيپ اجا پڻ سمجهان ٿو ڪجهہ باقي آهن
مند سهاڳڻ، مَهل سدوري، رات، ڪَتيون ۽ تارا سپنا

توکي آڇڻ ايندا سين، تون منهن موڙين يا ڪنڌ ڏوٽين
پنهنجي اکين ۾ آهن جيڪي تنهنجا کي موچارا سپنا

ننڊ ولايت جي حاڪم وٽ قيدي رهندا آخر ڪيسين؟
ويچارن ماڻهن جا سهڻا، پيارا ۽ ويچارا سپنا

او سپني جي سونهن، الائي ڪاٿي آهي سک جي وستي
جنهن ۾ نپجي جوڀن پائن تو جهڙا، تو پارا سپنا

ڇا ورتوسين، ڇا بخشيوسين، خالق توسان ڪهڙا ليکا
سونهري سنگيت ڏئي ورتاسين ڪوجها ڪارا سپنا

❑

ارجن حاسد

تو ڪنهن جيَ تصوير ڏٺي پئي
يا پنهنجي ئي سُونهن پَسي پئي

گُهوري گُهوري آئيني ۾
ڇا تو مُرڪ جي مهڪ سنگهي پئي؟

آڏيون اُڀتيون ليڪُون پاتءِ
من ۾ تنهنجي ڇِٽنگ ڏکي پئي

ساهه ڪڇڻَ تي تڪڙو تڪڙو
ڇاتيءَ ۾ ڪا لهر اُٿي پئي

مون چُپ چاپ نهاريو تي، تو
وار سنواري سِينڌ ڪڍي پئي

هن دنيا ۾ هر ڪنهن، ’حاسد‘!
ڪٿڻ ڪئن دل جي ڳالهه ڇٽي پئي

❑

اڄ تہ توسان آ ڪيڏي پنهنجائي
ڳالھہ چوندي تي پو بہ لڄ آئي

اهڙو چوٽو هو نيٺ چيا، جو مان
چوندي هٻڪيس ۽ هوءَ شرمائي

ڪيڏو ڳوڙهو لڳو تي سناٽو
ڪي گھڙيون دل جي هيءَ اڪيلائي

چاهہ گھرو چُپي آ ويئي؛ نہ تہ
ايڏي ڇهري تي چو آ لالائي

تنهنجي اکڙين ۾ اڄ تہ رونق آ
آھہ لڄ ڪي بہ پنهنجي سرهائي

لڳي تو اڄ وري بہ ڳالهين ۾
ڳالھہ ڪالهوڪي مون آ دهرائي

تو لءِ واجهائي، چاڪون ’حاسد‘، مون
آهہ پنهنجي ڪي چوٽ پهچائي

□

ارجن حاسد

تنهنجو آواز ڇُهڻ جي خاطر!
نانءُ پڇندس ته، پڇڻ جي خاطر!

تنهنجي پرسان ۾ گڏوگڏ ويهندس
توکي ڏاريو به لڳڻ جي خاطر!

تنهنجي اڌمن کي پڙهڻ چاهيندس
توکي لفظن ۾ لکڻ جي خاطر!

من جي آڳر ۾ اجا پڻ اُلجهن
ڪي نه ڪي خواب لهڻ جي خاطر!

ذهن ڏسٽو آ جتي پهچائي
توسان وڪ وڪ تي رلڻ جي خاطر!

رات 'حاسد' ڪا نصيبن ۾ ڪٿي
تنهنجي آهٽ ڪا ٻڌڻ جي خاطر!

□

دل جو رستو

ارجن حاسد

تي تي وجي جي ڳالهه، تيڻ ڏي ڪڏهن ڪڏهن!
پڻ پڻ ۾ ڪنهنجو نانءُ ڳِنهڻ ڏي ڪڏهن ڪڏهن!

ڪا اوچتو ڇهُي وڃي خوشبوُ نگاهه ڪي
پوپٽ ڪي پڻ اڱڻ ۾ اچڻ ڏي ڪڏهن ڪڏهن!

هر ڪنهَن جو من لڳي تو ٻُڌن ڪان سُچو سُچو
بَرپت ۾ ڪا ته بوند وسڻ ڏي ڪڏهن ڪڏهن!

موسم گلن جي شرم ڪان سَهڪي تي ڪيترو
پوپٽ جي پر تان رنگ لهڻ ڏي ڪڏهن ڪڏهن!

پاچولا ڪلهه جي ياد جا سُس پس تا اچ به ڪن
تاڙين تان ڪئن به ٻُور ڇڻڻ ڏي ڪڏهن ڪڏهن!

تن جي تپت جي مَرم تي مرڪي سگهان وري
’حاسد‘ ڪٽي لڪي ته وڃڻ ڏي ڪڏهن ڪڏهن!

❑

ارجن حاسدِ

رنگ، سُرهاڻ کي آڪار ڏنئہ!
مرڪ کي کهڙو نہ اقرار ڏنئہ!

ڪئن ڏسي، ڪئن نہ اُٺي تي سپنا
دل کي هي ڪنهنجو ڪٺي پيار ڏنئہ!

پنکڙيون گل جون سنوارڻ خاطر
جسم کي نفس جو آڌار ڏنئہ!

شانت جهرڻن جون اُڇايل پانهون
ائن بہ احساس کي اظهار ڏنئہ!

وِنڙي هِت هُت تہ وئين 'حاسد'! تہ بہ
پاڻ تَني ڪنهن کي نہ اڌڪار ڏنئہ!

❑

تنوير عباسي

روشني دل جي دکن آهي لٽي او سهڻا
رات چوڏهينءَ جي سوا تنهنجي ٻٽي او سهڻا

چنڊ جي سونهن ڏنو ساھہ انهيءَ دم سائين
تنهنجي منهن مان ٿي جڏهن باک ڦٽي او سهڻا

تنهنجي خاطر ٿي ڏنو مرڪي مون ايئن سورن ۾
خشڪ واريءَ ۾ ڪنول چڻ پيا ڦٽي او سهڻا

رات جو ڏينهن جو غم، ڏينهن جو هئي رات جي تات
عمر ڪٽندي وئي مصيبت نہ ڪٽي او سهڻا

عمر ڀر پئندي ٻہ اُج ڪين لٿي هئي منهنجي
۽ نہ مَئي تنهنجي اکين مان ٿي ڪٽي او سهڻا

هيءَ گهڙي آهي فقط هڪڙيءَ گهڙيءَ لءِ مهمان
جي هٿن مان وئي ڪسڪي، تہ ڇٽي او سهڻا

هن ڪي انسان ازل کان ٿي لٽيندو آيو
سونهن جي کاڻ نہ کٽندي، نہ کٽي او سهڻا

پاڻ کي جٺري رکڻ لاءِ وڏا خون ڪيم
مون نِڙي پنهنجي اميدن جي گهٽي او سهڻا

□

دل جو رستو

تنوير عباسي

جڏهن به دوست تا توسان ملڻ جا ڏينهن اچن
لڳي ٿو چڻ ته گلن جي ٽِڙڻ جا ڏينهن اچن

ڪڏهن ته يار سان گڏ مَڌ پِيڻ جا ڏينهن اچن
ڪڏهن ته مست ٿي ڳائڻ نچڻ جا ڏينهن اچن

تا درد وند دلين مورجڻ جا ڏينهن اچن
پرينءَ جي منهن تان گُهنڊ جي کلڻ جا ڏينهن اچن

اجهي بشر جي مقدس ٿيڻ جا ڏينهن اچن
اجهي تا تنهنجي اکين ۾ ڪي چمڻ جا ڏينهن اچن

هوائون مَڌ ۾ ٻڏل ۽ فضا ۾ سُرهاڻيون
لڳي ٿو ايئن، تا تنهنجي اچڻ جا ڏينهن اچن

رڳو ڏسان پيو توکي، ۽ توسان ڳالهايان
ڪڏهن ته اهڙا ڪي واندي وهڻ جا ڏينهن اچن

❑

دل جو رستو

تنوير عباسي

اوهان ناهيو تہ پنهنجي دل بهارن سان تا وندرايون
اسان ڏي جي اوهان ايندؤ، بهارن کي نہ ڏسنداسين

اڪيلائي اڪيلا مؤج سان پونداسين الجهي اڄ
سهارن کي نہ ڏسنداسين، ڪنارن کي نہ ڏسنداسين

اسان سونهان زماني جا، اسان جو ماڳ سان مطلب
ڏکين واٽن، ورن وڪڙن ۽ چارن کي نہ ڏسنداسين

اجهو نڪتو وِهائو هاڻي ڪاري رات تي پوري
اجهو تي روشني ٿئي، هاڻي تارن کي نہ ڏسنداسين

□

دل جو رستو

تنوير عباسي

تنهنجي گهٽيءَ جي مٽي، ميڙي
پنهنجو ڪعبو ٺاهيو آ مون

دل جي مقدس معبد خاطر
مسجد مندر ڊاهيو آ مون

ٻج ته ٿُنندو، نيت ته ٿُنندو
هر ڪاهيو آ، ڪاهيو آ مون

سونهارن جي سونهن وڏي شل
تن جو حسن اباهيو آ مون

تنهنجي سونهن سهيڙڻ خاطر
ڳاهه ڏکن جو ڳاهيو آ مون

ڪنهن سان نفرت ڪري نه سگهندس
چو جو توکي چاهيو آ مون

ڪير نباهي ڪنهن سان اڄڪلهه
توسان پوءِ به نباهيو آ مون

ڀال وڏي سچ سونهن محبت
عمر سڄي ايئن چاهيو آ مون

❑

ايترا لڙڪ، ڪو اگهي نہ سگهي
گهاوَ ايڏا، جو ڪو سِبي نہ سگهي

درد ايڏا جو ڪو ڳٽي نہ سگهي
بار ايڏا جو ڪو کڻي نہ سگهي

دل ۾ ايذيون تہ ڳالهيون آهن
جي ٻڌايان تہ ڪو ٻڌي نہ سگهي

هن سان ايڏي ڪجي محبت جو
جي رُسڻ چاهي، تہ بہ رسي نہ سگهي

ٻيا سيئي داغ ڌوپجي تا وڃن
درد جو داغ ڌوپجي نہ سگهي

❑

ڪالهہ توسان جو رُسي آيس مان
بس ائين سمجهہ کُسي آيس مان

هاڻي سوچيان ٿو تہ ڪاڏي وڃجي
تنهنجي محفل مان اُٿي آيس مان

دڙ جي ڪڙڪي ۽ ڏسين مون کي تون
سمجهجانءِ ائين تہ ڀُلي آيس مان

تو ڏي ايندس نہ مان ڄاڻي واڻي
ڀانئجان ائين تہ ڀلي آيس منان

وٽ ورائي سيو ڪجهہ، پيار سوا
تو وٽان جيڪو ڪٺي آيس مان

مان تہ ڀانيان ٿو هيس تو وٽ ٿي
تون چوين ٿي تہ وري آيس مان

تو وٽ آيس نہ ڪڏهن خالي هٿ
هر دفعي درد ڪٺي آيس مان

تنوير عباسي

دل جو رستو

تنهنجي محفل ۾ اچڻ تو چاهيان
تنهنجو ديدار ڪرڻ تو چاهيان

توسان مان عشق جو اظهار ڪري
تنهنجي حيراني ڏسڻ تو چاهيان

پاند خالي ڪري آيس ان لئہ
توکان ڪجھہ آءٌ گهرڻ تو چاهيان

مون کي ڏيو باهہ تہ مان پاڻ جلان
ڏِيئو آهيان، مان ٻرڻ تو چاهيان

ڪو پتاري نہ پُتاري دامن
مان تہ لڙڪ آهيان، ڪِرڻ تو چاهيان

❑

دل جو رستو

تنوير عباسي

تون جو مون ڏانهن ايئن نهارين ٿو
مون کي مارين ٿو يا جيارين ٿو

ساهه سِر جنهن مٿان تون وارين ٿو
تنهن سوا عمر ڪيئن گذارين ٿو

تون وراڻي، پڙاڏو تون، سڏ تون
پاڻ ئي پاڻ کي پڪارين ٿو

تون ئي منهنجو خمار، تون ئي شعور
ڄان پِيان ٿو ۽ تون پيارين ٿو

اوچتو توکي ياد اچي ٿا وڃون
تون ته ڪوشش ڪري وسارين ٿو

❑

تنوير عباسي

جهڙ تيو، مينهن تو وسي سائين
ڪوئي دل منهنجي تو ڪسي سائين

پل چوي پوءِ چنڊ کي سهڻو
پهرين منهنجو پرين پسي سائين

پنڪي پنڪي مان واٽ لهندس نيٺ
مون کي ڪوئي نہ ڪجھ ڏسي سائين

ڪهڙي امرت جي آ طلب ان کي
تنهنجي چپڙن تي جو رسي سائين

هن حياتيءَ تي ڀروسو تي ويو
پيار جي ئي تہ ڀروسي سائين

❑

تنوير عباسي

سدائين ائين ڪين گهبرائبو آ
ڪُلهيءَ دل سان ڪڏهين تہ ڳالهائبو آ

ٻين جي اڳيان جيئن شرمائجين ٿي
اسان جي اڳيان ايئن نہ شرمائبو آ

نہ شوخن سان دل کي ڪو اٽڪائبو آ
جي اٽڪائبو آ تہ پڇتائبو آ

سڄي عمر پڙهبو پيو آ سبق هڪ
پنو عشق جو ڪين اٿلائبو آ

زبان مان جڏهن ڪو اکر ڪين اُڪلي
انهيءَ وقت اکين سان ڳالهائبو آ

اوهان سان رڳو دل کي وندرائبو آ
نہ کٽبو ٿي آهي، نہ هارائبو آ

ڪڏهن دشمنن ۾ بہ ڊپ ناهي ٿيندو
ڪڏهن دوستن ۾ بہ گهبرائبو آ

تڏهن شعر تنوير لکبو آ پاڻهي
جڏهن گهاءُ دل تي ڪوئي کائبو آ

❑

آثم ناشن شاهي

نئر، ضدي، مٺي ڦِريا او بدمعاش ڇوڪرا!
ڳَلي ڳَليءَ ۾ ڪنهن ڪي ٿو ڪرين تلاش ڇوڪرا!

جتي بہ جاءِ ڪا وٽيئي، اتي ئي راند ۾ شروع
ڪنيون وتين ٿو ڏينهن، رات دل جي تاش ڇوڪرا!

لڳي ٿو ايڏي پياس ٿي سمنڊ پي وڃين سڄو
ڪِٿان، مٿان ڪِري ٿيو هِين پاش پاش ڇوڪرا!

وري جُڙي سگهن ٿا تنهنجا پَور پور خواب سڀ
گناهہ ٿو ڪرين اهو رهي نِراش ڇوڪرا!

پٿر جي مورتين کي ٿو صدائون پيار لاءِ ڏين
لڳين ٿو مون کي چڻ ٿيل حنوط - لاش ڇوڪرا!

چنيون نہ ٿي اجا، نہ چِن قلم جي نوڪ جون نٿون
قلم فروش ٿين مٿان، قلم - تراش ڇوڪرا!

❑

دل جو رستو

آثم ناٿن شاهي

تنهنجون ڇاتيون، ڪيڏيون آتيون پاڻ ڇُهائڻ لاءِ
منهنجون آڱريون ڇا نه اُڀريون تن ڪي پائڻ لاءِ

ڪيڏيون مڌرُ لڳن تيون مومل! تنهنجون جُهونگارون
سنبري آيون منهنجون وايون تنهنجي ڳائڻ لاءِ

ڪيڏا سُرها تي پيا گجرا تنهنجا وار ڇُمي
سِينڌي! ڏسُ مون ميندي آندي توکي لائڻ لاءِ

تنهنجا عضوا ڪيئن نه لچن تا ڪتڪاڙين ڪارڻ
ڳولن تا پيا ڪنهنکي ياڪُر، ڳل لڳائڻ لاءِ

'آثم' ڏانهن اچين نه ائين اچ جاڳن جيئن نه سُتل
ڇير نه ٻڌجان ڪڏهين پيرن ۾ ڇمڪائڻ لاءِ

❑

آثم ناٿن شاهي

تنهائيءَ ۾ جڏهين هُن کي هڏڪي آئي
ڦُلواڙين ۾ خوشبوئن کي هڏڪي آئي

پاپ نگر ۾ پوتر پَل کي گهاريل ڪنهن سان
ياد ڪري، ڪن پُوڄائن کي هڏڪي آئي

سَرتي! توبن سُر - سنگيت جڏهن پي ڇيڙيم
سُڏڪي ساز پيا ۽ ڌُن کي هڏڪي آئي

تو جي ڪالهہ تُنيا ها منهنجا انگهيل ڪپڙا
اڄ تنهن تُن تُن جي تندن کي هڏڪي آئي

سانوڻ رُت ۾ تون جنهن ڏينهن جدا ٿئين مون کان
ڪڪرن ڳاڙيا لڙڪ، وِڄُن کي هڏڪي آئي

ويٺي ويٺي هي ڇا ٿيو آ توکي 'آثم'!
ايئن ٿو مُرڪين، ڇڻ مرڪن کي هڏڪي آئي

❑

نيت تہ اڄ هُو نيڻ نماڻا مُرڪي پيا
ورهين ڪان پوءِ خواب اياڻا مُرڪي پيا

چانئٺ مان هڪ چنڊ لياڪو پاتو آ
لڙڪن هاڻا هنڌ، وهاڻا مُرڪي پيا

کيتن ۾ هُن پوپٽڙيءَ جو پير رکيو
سَرهون، وڏفون، هُربا، ڏاٺا مُرڪي پيا

ڇَڄ پري هوءَ پينهڻ آئي جانبهہ تي
گوريءَ لپ ۾ باجهر داڻا مُرڪي پيا

پرسان لنگهندي رَهڙ ڏئي وئي چوڙيءَ جي
ڪنڌ ورائي ڳهاوَ پراڻا مرڪي پيا

پنهنجي آڏو مجبورين جي سجدن تي
'آثم'! مغروريون ۽ ماڻا مُرڪي پيا

❑

دل جو رستو
آٿر ناٿن شاهي

نيڻ ڪنوارا ڪنيو نهاريئين پئي
مَڌ ڪٽورا پري پياريئين پئي

مُنهن تي لڙڪيل چڳون هٽايئين ٿي
چڻ ڪڪر ڦُوڪ سان اڏاريئين پئي

هُنَّ جي هٿ ۾ ها زندگي ۽ موت
ڪنهن کي جياريئين ۽ ڪنهن کي ماريئين پئي

مون تي ڇو مهربان هو ايڏو
مون کي ڪاريئين ٿي يا سُڌاريئين پئي

هاڻ سمجهيو اٿم تہ اڄ تائين
پار وانگر رڳو ڏتاريئين پئي

منهنجي زخمن تي اڪ پيس شايد
لُوڻ پاڻيءَ منجهہ ڳاريئين پئي

هڪ انڌاري ڳليءَ ۾ 'آٿر'
سُونهن پنهنجيءَ جا ديپ ٻاريئين پئي

□

جئين پُونءِ ٽڙڪي ٽٽين لوڏ هَڻ
ڪري چير چڻ چڻ ائين پير ڪڻ

ٻٽي رُت بسنتي نوان واس وَندِ
تہ پن چڻ جي رُت ٽي، نہ پن پڻ ٽي چَڻ

ائين سونهن پنهنجي نہ ويٺو سڪاءِ
جي منهنجو نٽو ٽين تہ پنهنجو ئي ٻڻ

وجي ساهہ نڪري، نہ اهڙو بہ رُس
وجي پاڻ وسري، نہ ايڏو بہ وڻ

ڪرين ڇا ٽو؟ هر هر گٽو ٽو وڃين
پلي ٻاڻ هڻ، پر ڇِتائي تہ هڻ

جو چاهين سو چئہ، پر متي مُنهن ڪري
ڇڏي ڏي اهي پَٽ ٽي ليڪا ڪڍڻ

هي 'آثم' بہ شاعر آ تنهنجو مگر
غزل 'شيام' جو ڏينم ڪو، اڄ پڙهڻ

❑

ميڪدي جو عجيب آ دستور!
وچ تہ سالم ۽ اچ تہ چڪنا چُور!

عشق سنت خدا جي آ واعظ!
عشق کان ايترو نہ وچ وهلور!

تير ڏيڊي نظر جو ڇا لڳندو؟
سامهون وار ڪر تڪي ڀرپور!

سڌ نہ مون کي تون قيس ۽ فرهاد
مان نہ آهيان ڇريو، نڪو مزدور!

حسن، حسن آهہ، جي رهي محفوظ
ويندو اُڏري، جي ڪولبو ڪافور!

تاهہ 'آثم' سان تنهنجو مشڪل آ
تون بہ مغرور، مان بہ ڪجهہ مغرور!

❑

چنڊ ايرڻ لڳي تہ ڪيئن روڪيانس؟
سُونهن مرڪڻ لڳي تہ ڪيئن روڪيانس؟

ياد ڏنڏلي ڪا وقت گذريل جي
دل ۾ چمڪڻ لڳي تہ ڪيئن روڪيانس؟

اوچتو ڪوئي پنهنجي واعدي تان
صاف مُڪرڻ لڳي تہ ڪيئن روڪيانس؟

مون سان، ڪنهن جي غلط رويي تي
رَت اُبرڻ لڳي، تہ ڪيئن روڪيانس؟

هُوءَ هرهر اچي اڳيان منهنجي
پاڻ گذرڻ لڳي تہ ڪيئن روڪيانس؟

هر گهڙيءَ سُور کو نئون 'آٿمر'!
دل ۾ اُسرڻ لڳي تہ ڪيئن روڪيانس؟

❑

مون کان رُسجي پڇتائيندين: مون نہ چيو هُئہ!
واتون منهنجون واجهائيندينءَ: مون نہ چيو هُئہ!

”سوَ حياتيون توتان صدقي“ پنهنجا جملا
پاڻ مرادو ورجائيندينءَ: مون نہ چيو هُئہ!

سُڏڪا هوندءِ، هڏڪي تيندءِ، هٿ مليندينءَ
ديوارن سان ڳالهائيندينءَ: مون نہ چيو هُئہ!

مُلهہ مهانگو ميڪ اپ جو سامان سمورو
هيڏي هوڏي اڇلائيندينءَ: مون نہ چيو هُئہ!

ياد اڪيلائيءَ ۾ ايندءِ منهنجا ياڪُر
ءِ روئي پاند پُسائيندينءَ: مون نہ چيو هُئہ!

مون تہ بڌو آ اڄ سپاٽي، ’آتمر‘ کان تون
پنهنجي غلطي بخشائيندينءَ: مون نہ چيو هُئہ!

❑

آتم ناٿن شاهي

جڏهين جڏهين، منهنجي پاڙي واس ورهائڻ ايندو آهين
تڏهين تڏهين، مونکي پيي رابيل ٻٽائي ويندو آهين

ڪيڏي پهچ رکين ٿو پيارا! چولي تي چمڪائڻ ڪارڻ
چُونڊي چُونڊي اڀ مان تارا، چَپڻين ساڻ پٽيندو آهين

ملس، پشم ۽ ڪپڙا، ڪاغذ رنگ سان ڪوڙ رڱي ٿا چاٺن
پر تون سُونهن، وِرونهن ۾ پوڙي روڳي روح رڱيندو آهين

ويهي ويهي ويندو آن ته، موت حوالي هوندو آهيان
موٽي ايندو آن ته جيون موٽائي جڻ ڏيندو آهين

ڪنهن ڪنهن مهل ڄڀين جڻ جَرڪي، ساڙين، ٻارين، خاڪ بنائين
ڪنهن ڪنهن مهل وسي پيو ٺارين، ميگهه ملهارون ٿيندو آهين .

آتم! ڪيڏو ڏاهو آن، جو اُڀ اُگس جي تاٿي واٿي
ماٿهو بوتل، برف پيئن، تون لڙڪ، پسينو پيئندو آهين

❑

محسن ککڙائي

هُو جڏهن مُنهنجي گهر آچي تو وڃي
اوڙو پاڙو جَلي پَچي تو وڃي

دل بہ چاهي ٿي، موقعا بہ گهڻا
پوءِ بہ سيڪجهہ بَچي بَچي تو وڃي

هُو وڃي – جڻ جبل ڪِري ٿو پوي
هُو اچي – رَنگُ ڪو رَچي تو وڃي

هُن کي ڪجهہ ٿي پوي تہ پنهنجو پيو
ساهُہ نِڪري، سَچي پَچي تو وڃي

سَچُ چئون تا اگرچ يارن کي
پوءِ تہ ڏاڍو مَڪَتُ مچي تو وڃي

ڊيلَ وانگر ٽِلڻ ڏسي 'مُحسن'
مورُ مَنَ جو نچي نَچي تو وڃي

محسن ڪڪڙائي

هي خزان، هي بهار، ڇا معنيٰ؟
دوستو! گل ۽ خار، ڇا معنيٰ؟

بزدليءَ جو نتا ڏيون طعنو
زندگيءَ کان فرار، ڇا معنيٰ؟

ڪنهن به اهڙو ثبوت ناهه ڏنو
توتان هرهر نثار، ڇا معنيٰ؟

جيڪو ايندو، سو خود بخود ايندو
انتظار انتظار، ڇا معنيٰ؟

ياد ان کي ڪجي، جو وسري وڃي
ذڪر و اذڪار، يار ڇا معنيٰ؟

خود غرض تون به، مان به، سڀ ڪوئي
هي محبت، هي پيار، ڇا معنيٰ؟

ڇا، خوشي تو طلب ڪري محسن؟
تنهنجو غم ساڻ پيار، ڇا معنيٰ؟

❑

محسن ككڙائي

هُن جي چادر، جڏهن تہ ڇِڪ ٿي هُئي
پوءِ بہ پنهنجي وَلَر ۾ هِڪَ ٿي هُئي

هُن سَلهاڙي رکيو هُيو مَن کي
هُن جو جوڀن هو، اُن جي ڇِڪ ٿي هئي

هيتري سُونهن، پوءِ کنهن کي ڏجي
پنهنجي سيني ۾ دل تہ هڪ ٿي هُئي

جا، کڏهن پيي نہ ٿي سگهي پُوري
سا تہ، سُهڻين اکين جي سِڪ ٿي هئي

هُونءَ تہ سمجهي ويا ها سڀ 'مُحسن'
صرف نالي ۾ تُنهنجي لِڪَ ٿِي هئي

❑

جوڀن ۾، شهرِ حُسن ۾، فصلِ بهار ۾
ڪيئن تو چوين ته دل ڪي رکؤن اختيار ۾

حُسنِ نظر سان ڪنهن جي نظر تا چُمون پيا
پنهنجي پريت آهه سدائين خمار ۾

ههڙي حسين حيات، مگر پوءِ به چند روز
اهڙو گمان ڪونه هو، پروردگار ۾

زاهد ڪي تنهنجي شوخ تبسم جي ڇا خبر
تفصيل ڳولٿو تو پوي اختصار ۾

'محسن' هي اضطراب هي طوفانِ غم ته ڏس
نادان! ڇا رکيو آ، سُڪون و قرار ۾

□

محسن ڪڪڙائي

چيڏيو تہ سونهن جي هڪڙي جهلڪ ڏسي تہ وٺان
خدا جو نُور اکين سان سهي، چُمي تہ وٺان

چوڻ جي ڳالهہ سدائين چوڻ کان رهجي وئي
اکيون، اکين کي پڙهن ٿيون تہ، پوءِ پڙهي تہ وٺان

اسان جو پيار بہ گونگو تہ هُوءَ بہ چُپ چُپ آ
هلو، اميد جي تاندڻ مٿان پچي تہ وٺان

تمام عمر رڳو سِڪ ۾ سوز جي رُڃ آ
بہ ڏيک پريت جا پياريو تہ مان بہ جِي تہ وٺان

ڏئي ٿو درد جي دولت، اها بہ چشمن تي
نٿو ملي، نہ سهي، درد دائمي تہ وٺان

نہ ذڪر سُونهن جو ڪُٿندو، نہ ٿيندو ڪَڪ 'محسن'
اچا بہ دل تي چوي، سونهن تي لکي تہ وٺان

❑

ارجن شاد

آءُ ڏوليا تہ ڪريون پيار، هليا ويندا سين!
ڪيسين هئِن رهبو پلا ڏار، هليا ويندا سين!

ڪجھہ خطا منهنجي تہ ڪجھہ تنهنجي بہ هوندي ڏوليا
ٿيندا پورا نہ هي تڪرار، هليا ويندا سين!

جا گهڙي گذري، لڃي ڪين ڪري شال مونکي
زندگي آهہ گهڙيون چار، هليا ويندا سين!

بس فقط پنهنجو جئڻ آهہ يا ٻئي جو بہ خيال؟
ڪر ٻين جو بہ تہ ويچار، هليا ويندا سين!

هو حسين چهرا، هيءَ دل ۽ هي الفت جو اثر
چا ڇڏي سهڻو هي سنسار، هليا ويندا سين!

موت آهي تہ جئڻ ٿئي ٿو زياده. ظاهر
’شاد‘ جيون جي ڪريون سار، هليا ويندا سين!

❑

دل جو رستو

ارحن شاد

جي زندگيءَ مان نڪري وڃي چاهه، ڇا ڪجي؟
۽ دل کي پيي جي پيارو لڳي ساهه، ڇا ڪجي؟

سرڪار پنهنجي ساڻ بغاوت تي ڏوهه، پر
جي ڏينهن رات بڪ ۾ تڇي پاهه، ڇا ڪجي؟

نيڻن جي نير سان هيءَ وسايان ته دل جي آڳ
ٻاري جي آهه ڪو ٻيو آڙاهه، ڇا ڪجي؟

جي ڪجهه ملي ته يار ڪان هڪ درد ته ملي
وسري تڏهن به ڪين ته دلخواهه، ڇا ڪجي؟

منٿن ڪي مان ڇڏي ته ونان بي رخيءَ جي وات
پر پوءِ به جي نه يار ڪري تاهه، ڇا ڪجي؟

محنت جو ڦل جي هِن نه ته ٻئي جنم ۾ ملي
جنمن ۾ پر جمي نه جي ويساهه، ڇا ڪجي؟

❑

دل جو رستو

ارجن شاد

ڪيتي ڪاريون راتيون گذريون، ڪيئي سرخ سويرا ٿيا
منهنجي دل جا هاءِ! اجا پيي دور نہ گهور انڌيرا ٿيا

سور سنڀاريون ڪنهن ڪنهن جا ۽ ڪنهن زهريلا تير هنيا
مُنهن جا هٿا ملوڪ مگر اڄ سڀ ئي ڦري لٽيرا ٿيا

تون تہ اجا پيي آهين ساڳيو، شايد بدليو مان بہ نہ آهيان
تنهنجي منهنجي تڪرارن جا توڙي ڪئين نبيرا ٿيا

مونکي ڪهڙي ڄاڻ تہ تنهنجون نظرون سڀ سان ٽڪرن ٿيون
مون سمجهيو هو شايد هاڻي پريت جا پيچ پڪيرا ٿيا

منزل ساڳي، پنڌ بہ ساڳيو، ’شاد‘ شڪايت ڇاجي لءِ آ
راه اٽانگي ناهي، شايد قدم اجا بہ ڪچيرا ٿيا

❑

ارجن شاد.

آءُ، او انتظار واپس آءُ
آءُ غم جا غبار واپس آءُ

دل فقط لوچ سان هئي زندهہ
اي دلِ بيقرار واپس آءُ

دل جون ويرانيون پڪارن ٿيون
آءُ روحِ بهار واپس آءُ

ڪنهن سان اوريان مان پنهنجي دل جو حال
او منهنجا غمگسار واپس آءُ

تون هجين ۽ هجن منيون ڳالهيون
آءُ جيءَ جا جيار واپس آءُ

بدگماني ٿي دل کي پتڪائي
راهبر! اعتبار واپس آءُ

پاڻ جان سست ٿو ڪري ساحل
موجِ دل بي ڪنار واپس آءُ

❑

دل جو رستو

اَرجن شاد

وسارڻ سان جي وسري ها تہ دل ۾ پيار ڇو ٿئي ها
تمنا جي هجي ها وس، تہ مونکي سار ڇو ٿئي ها!

آ جيسين دل، محبت بن رهڻ ڪئن ٿئي ڀلا ممڪن
ورهين جو نہ تہ سُتل جذبو وري بيدار ڇو ٿئي ها!

هَوس ناهي، محبت ناهہ، دل ۾ چاهہ؟ ڪئن سمجهان
ملڻ جي چاهہ آهي نہ تہ جئڻ دشوار ڇو ٿئي ها!

محبت جو هيو غلبو، نہ سوچيم ڪجهہ چوان ڇا ٿو
چوان ها ڪجهہ سليقي سان تہ پوءِ انڪار ڇو ٿئي ها!

اڪيون اتڪيون هيون هن جون، نہ دل اٽڪي هيس شايد
ڏِيان ها دل جي ڪجهہ ترسي تہ هي آزار ڇو ٿئي ها!

اشارو گلبدن جو ’شاد‘ اهڙو دل ڇڪيندڙ هو
اَسان جي راهہ هئن پُرخار نہ تہ گلزار ڇو ٿئي ها!

❑

وفا پلي

تنهنجي در جي قريب هو ڪوئي
تنهنجو ئي بدنصيب هو ڪوئي

هجر جي رات ماهتابي هئي
دور رهندي قريب هو ڪوئي

مان تلاش سحر ۾ سرگردان
وقت گويا رقيب هو ڪوئي

ڪجهه نه هوندي به ڪو هيو سيڪجهه
رشتو ڪنهن سان عجيب هو ڪوئي

هو غم هجر يا غم دنيا
رات دل جي قريب هو ڪوئي

مئڪدي جي اُداس تاريڪي
جشن سوئي صليب هو ڪوئي

□

ڪجھہ ائين ڏار ڪري، ڏار ڪري ويو ڪوئي
در ڪي ڪولي، وري ديوار ڪري ويو ڪوئي

نڪي انڪار، نہ اقرار ڪري ويو ڪوئي
صورتِ پيار مگر پيار ڪري ويو ڪوئي

ها، گھٽو اڳ ۾ خبردار ڪري ويو ڪوئي
وقت قاتل هو، پرين وار ڪري ويو ڪوئي

چند لمحن لئہ مليا ۽ سٺي وري وڇڙي ويا
دلِ بيمار کي بيمار ڪري ويو ڪوئي

اي دلِ زار ۽ معصوم تمنائون نہ زؤ
چا تيو گرچہ وري ڏار ڪري ويو ڪوئي

خُوگرِ درد 'وفا' صبر سوا ڪجھ بہ نہ آهہ
دلِ غمَ ديده کي غمخوار ڪري ويو ڪوئي

ڪڏهن تنهنجي وارن سندي رات ٿيندي
ڪڏهن محب ملندين، ملاقات ٿيندي

ڪڏهن چوڙي ڪاڪل، ڪڪر ڇانو ٿيندين
ڪڏهن ورندين بادل تي، برسات ٿيندي

نه تون ويڙهه وارن ڪي، رُخ تي رهڻ ڏي
نه ٿي رات رڙهندي، نه پريات ٿيندي

نه هئي آس ايئن ڪا پرين! اوچتو ٿي
سرِ رهگذر پڻ ملاقات ٿيندي

سنڌءِ صبح سان ٿي، سندم صبح ٿيندو
سنڌءِ رات سان ٿي، سندمَ رات ٿيندي

'وفا' چاڻ اڳ ۾ نه هرگز هئي سون
وڇوڙي ۾ ورهين جي هر رات ٿيندي

❑

وفا پلي

گلدانن ۾ خواب سجائي – مون ٻہ رنو هئو، تو ٻہ رنو هئو
خوشبوءِ کي پابند بنائي – مون ٻہ رنو هئو، تو ٻہ رنو هئو

سوريءَ جا سينگار سجائي – مون ٻہ رنو هئو، تو ٻہ رنو هئو
پنهنجو ’ليڊر‘ پاڻ وڃائي – مون ٻہ رنو هئو، تو ٻہ رنو هئو

هٿ ملائي، پٺ ورائي – مون ٻہ رنو هئو، تو ٻہ رنو هئو
وقتِ جدائي لڙڪ لڪائي – مون ٻہ رنو هئو، تو ٻہ رنو هئو

پنهنجا پنهنجا درد ورهائي – مون ٻہ رنو هئو، تو ٻہ رنو هئو
سينو، سيني ساڻ لڳائي – مون ٻہ رنو هئو، تو ٻہ رنو هئو

جنم جا وڇڙيا سامهون پائي – مون ٻہ رنو هئو، تو ٻہ رنو هئو
هڪ ٻئي کي احوال ٻڌائي – مون ٻہ رنو هئو، تو ٻہ رنو هئو

دار مٿي منصور رسائي – مون ٻہ رنو هئو، تو ٻہ رنو هئو
عشق ۾ پنهنجي ذات وڃائي – مون ٻہ رنو هئو، تو ٻہ رنو هئو

❑

تنهنجو مشتاق ديد ساري ٿو
آءُ وڇوڙي جو موت ماري ٿو

زهر ڏيندين ته سو به پي ويندس
ڪوئي ويڇن جو هٿ به واري ٿو

وقت وارن جا وار سهبا، پر
دوستن جو سلوڪ ماري ٿو

ڪا تمنا، ڪا آرزو ڪانهي
زندگي ائين به ڪو گذاري ٿو

چند لمحا ته سک سمهان، ليڪن
درد تنهنجو اچي اُٿاري ٿو

ڪوبه ايندو نه ريگزارن ۾
راهه ڪنهن جي ’وفا‘ نهاري ٿو

❑

علي محمد مجروح

راحتن، رحمتن سلام ڪيو
تنهنجي غم ڪي سُکن سلام ڪيو

جڏهن ديوانا دار تي پهتا
عشق جي عظمتن سلام ڪيو

تو اچا مس اکيون مَٿيون مون ڪان
ڪيترن حادثن سلام ڪيو

دوستن جا ڳٽيمر جڏهن ٽورا
مُرڪندي دشمنن سلام ڪيو

ڪيترن مرحلن مان پار پيس
ڪيترن مرحلن سلام ڪيو

ڪي نيون راهون ڳولهيو يارو!
شوق جي وسعتن سلام ڪيو

هي روايت پريو غزل منهنجو
ڪيترين جدتن سلام ڪيو

❑

دل جو رستو

علي محمد مجروح

دور گذري ويا، اڇي نہ سگھيا
دوست وڇڙيا تہ پوءِ ملي نہ سگھيا

زندگي سونهن جو سفر آهي
پيار جا پيچرا ڪٽي نہ سگھيا

تنهنجي زلفن جي اوٽ ۾ ها لڪل
وقت جا حادثا ٽري نہ سگھيا

تنهنجي اکين مان مستيون ڇلڪن
منهنجي اکين جا ڏک لهي نہ سگھيا

اُن کي بستي چوان يا ويرانو
جت ڪنول قرب جا ٽڙي نہ سگھيا

روح ۾ ڪهڙا درد ڏارين تو
دوست 'مجروح' کان پڇي نہ سگھيا

❑

علي محمد مجروح

ڪو زنج رنج نہ رهندو، رڳو نهار ڪٽي
اي منهنجا دوست منهنجي زندگي سنوار ڪٽي

أهي، جي تنهنجي تمنا ڪي زندگي سمجهن
وجن تہ ڪيڏانهن وجن تهمتون هزار ڪٽي

نہ هئي بهار، نہ أميد هئي بهاريءَ جي
بهار آئي تہ ويتر وئي قرار ڪٽي

سدائين ساهہ سان سانديا مون تنهنجا سورَ ستمِ
ڪڏهن تہ پيار مان اي زندگي پڪار ڪٽي

انهي أميد ۾ 'مجروح' زندگي گذري
ڪڏهن تہ ايندو سڄڻ پاڻ سان بهار ڪٽي

□

دل جو رستو
علي محمد مجروح

ڏکن تي پنهنجي کلان ٿو، الائي ڇا آهي
فريب دل کي ڏيان ٿو، الائي ڇا آهي

وري بہ تنهنجي تمنا، وري بہ تنهنجو خيال
هي ڪهڙا خواب ڏسان ٿو، الائي ڇا آهي

جڏهن زماني ڏني ڪا سزا وفائن جي
مان بي خبر ٿي چوان ٿو، الائي ڇا آهي

هي رنگ رنگ بهارون، هي آب آب اکيون
تضاد ڪيڏو ڏسان ٿو، الائي ڇا آهي

خلوص ۽ قرب جون ڳالهيون بڌي زماني ۾
مان دوستن ڏي ڏسان ٿو، الائي ڇا آهي

ڪڏهن ڪڏهن تہ اي 'مجروح' سوچڻو ٿو پئي
مان ڪنهن جي سڪ ۾ جيان ٿو، الائي ڇا آهي

□

هي روز جيئڻ روز مرڻ راند تہ ناهي
اي منهنجا سڄڻ! پيار ڪرڻ راند تہ ناهي

دل خون ٿئي ٿي تہ وڃي رات ڪٽي ٿي
هن درد جي ڏونگر جو ڏرڻ راند تہ ناهي

هر لفظ تنهنجي سونهن منهنجو ساهہ گهري ٿو
شعرن ۾ اهو رنگ ڀرڻ راند تہ ناهي

هي عشق جي عظمت بہ تہ ڪنهن ڪنهن ڪي ملي ٿي
سوريءَ تي چڙهڻ، مُرڪي مرڻ راند تہ ناهي

هر لحظي نئون زخم، نئون درد، نئون داغ
انعام وفائن جو گهرڻ راند تہ ناهي

’مجروح‘ سان ملندين تہ هي محسوس ڪندين تون
انسان جو ٿي شمع ٻرڻ راند تہ ناهي

❑

واسديو موهي

وڄ - ڪڪر پاڻ ۾ رتيو، ۽ پوءِ...
سمنڊ مرڪيو، نديءَ ڪليو، ۽ پوءِ...

وڻ تہ طوفان ۾ رهيو چپ چپ
هڪ ٻئي کي پڻ سڏيو، ۽ پوءِ...

مون اچا صرف تنهنجو نالو لکيو
هڪ ڦڙو اُن مٿان ڪِريو، ۽ پوءِ...

منت گاڏي ڇٽڻ ۾ هو، تہ آيو
گاڏي وٽ مس اچي سگهيو، ۽ پوءِ...

جهوپڙي ڪا نظر نٿي آئي
اوچتو هڪ ڏيئو ٻريو، ۽ پوءِ...

جڏهن ٿي بجليءَ تنيو ڪِريو ڇت تي
ٻوڙي ننڍو وڏو مِڙيو، ۽ پوءِ...

دوُر هو، ياد ڪونہ ايندو هو
اڄ اچي پاڙي ۾ وسيو، ۽ پوءِ...

ماني جوئر جي، ڇاڇ جو لوٽو
ڇير جو ڇمڪو هو ٿيو، ۽ پوءِ...

واسديو موهي

موسم جي مانَ واسطي ڪجهه گنگنائجانءِ
برسات ۾ چٽيءَ بنا رستا گهمائجانءِ

منهنجون لڪيل چٽيون متان ميسارجي وڃن
ڳوڙهن ڪان ڪٿن بہ پنهنجي اکين کي بچائجانءِ

فوٽ پاٿ تي اُداس اڪيلو هو پار ڏس!
خالي مڪان ۾ وڃي مؤجون مچائجانءِ

معنائون تون چٽي چٽي ٽڪجي پوين جڏهن
ڪِٿن ذائقو ڪسارو ٽٽي تو بڏائجانءِ

چاهتَ جي تانڪ جهانڪ ذرا تيز تي هجي
تون در درين تي ڪي ٿُلها پردا لڳائجانءِ

منهنجو نصيب هٿ جي لڪيرن ۾ تون نہ ڳولهہ
چاهين تہ گهنج چهري جا ڪنهن ڪان پڙهائجانءِ

گهر ڪان پري پري خوشي ڪنهن ڪان ونڻ وٺين
توکي صلاح ڪنهن ڏني، جڳ کي ڪلائجانءِ

❑

آڏيون ڦِڏيون لڪيرون پڙهي، ماٺ تي وجي
ڪارين اکين ۾ چانوَ ڏسي ماٺ تي وجي

هو برف جو تهيل آ پگهرجي ڦڙو ڦڙو
ٽُڻ ٽُڻ ڪري، ٻه لفظ چئي، ماٺ تي وجي

پنهنجي زمين کي ٻَلي ٻُلجي چڪو آ هو
آڌو اچي وجيس ندي، ماٺ تي وجي

ڪَڻ ڪَڻ تيڻ جو درد بيابان کان پڇج!
بادل اچي، ڪِنوي ۾ گجي ماٺ تي وجي

احوال ڪندرن جو ٻڌي نيٺ چا ڪندو
پنهنجي اڳيان ٺئي شيشو رکي، ماٺ تي وجي

❑

دل جو رستو

واسديو موهي

اوسيئڙو عمر پر، نئين کا ڳالهہ تي وڃي
وچ واري پيت مان، هٿ اچي هٿ سان ملي وڃي.

توکي خبر ئي کهڙي، ٽپت کيڏي مرک جي
سيني جي برف، منٽ ۾ وِگهري وهي وڃي.

کوڏر بجاءِ هاري، کهاڙي کان کم وٺي
وحشت جا ٻج ڦٽن ۽ کئين سِر لٺي وڃي.

بم گولا، کارتوس، کٽي تو گهمي جو شخص
کنهن پارِ جي اکين ۾ ڏسي، ڪجهہ لهي وڃي.

تنهنجي اکين جي ٻولي کٽي هکڙي تي هجي
معنيٰ نئين، لغات نئين کا نهي وڃي.

من ۾ اِئين بہ آيو، چمتکار کو کريان
بس صرف اک کٺان ۽ سڄي پيت پُري وڃي.

□

خط ڪيي ور ور پڙهندو هوندو
لفظ ڪي، معنيٰ کي ڇُهندو هوندو

ڪُجهه تيو ڪونهي برابر آ سڀ
ڪنڌ پاسي اڪِيون اُگهندو هوندو

تنهنجي پاڇي جو وزن ٿي ڪهڙو؟
ڇا ڪندو، مون تي جي چُرندو هوندو

پاڻ کي ڪٿن به ڏٺي تو آئمت
سيني سان هُو نهي هلندو هوندو

تنهنجو نالو وٺي نڪتو آهي
بي سبب وات تي رُلندو هوندو

❑

اياز گل

مَنَ ۾ ڪو مهمانُ، ضروري آ پيارا!
دردَن جو درمانُ، ضروري آ پيارا!

دل روئي پر مُرڪَ چَپن تي رکڻي آ
دُشمنَ تي ڌهمانُ، ضروري آ پيارا!

هوريان هوريان هُن ڪان دُور هليو وڃبو،
سُورن جو سامانُ، ضروري آ پيارا!

بيشڪ سارا روپَ رکو پل ماڻهوءَ جا
اندرَ ۾ انسانُ، ضروري آ پيارا!

ڪڏهن لڪائي رکجي پيارُ زماني کان
ڪڏهن اهو اعلانُ ضروري آ پيارا!

چاڻان تو مشڪل آ، گڏجڻ ۽ پرچڻ
رکجي پِڙ اِمڪانُ، ضروري آ پيارا!

دردَ، دلاسا، الڪا، آسون، سانڍڻ لئه
دِلَ جهڙو گُلدانُ ضروري آ پيارا!

□

دل جو رستو

ايازگل

يادگيريون سنيال، ڪم ايندءِ!
ڪنهن وِڇوڙي جي سال، ڪم ايندءِ!

راهَہ اوندهہِ، اڳيانءُ حياتيءَ جي
پيارُ ڏِيئي مثال، ڪم ايندءِ!

هُن ڪان پُڇجانءِ: ”ڳُڌ هلي سگهندينءَ؟“
هڪڙو ننڍڙو سوال، ڪم ايندءِ!

تو وِساري ڇڏيو، ڇڱو ٿي ڪيئہ
ڪهڙو برباد حال ڪم ايندءِ!

ماڻِ لمحا مِلڻ جا، پر دل ۾
ڪي جُدايون بہ پال، ڪم ايندءِ!

مان نہ هوندس ڇڏهن، تڏهن ڏسجانءِ
جڳَ! مُنهنجو مثال ڪم ايندءِ!

ڪيس ڇنبڙي پٿين تہ ڇا ملندءِ؟
ڇڏِ ماضي، تہ حال ڪم ايندءِ!

ايازگل

نَڪو ملي ٿي، نہ ٿي نيڻَ ٿي پڙهڻ ڄاڻي
هُو ڇوڪري بہ رڳو، سُورَ ٿي ڏيڻ ڄاڻي

انهيءَ ڪي ڪهڙي خبرَ، لفظ ڪيئن مارِن ٿا
جا ڳالهِہ ڳالهِہ ۾ بس، طنزَ ٿي ڪرڻ ڄاڻي

عمل، نہ سوچَ، نہ ڪوشش، تباهہ ٿي ويندو
هُو روئڻو، جو ٿڏا ساهَہ ٿو پرڻ ڄاڻي

سمورا سگَّ ڇِني وئينءَ تہ خير آ سانڻ!
هي دل ٿي آسَ جا لاشا سدا ڪڻڻ ڄاڻي

حياتي ڪيس ٿڳيندي الائي ڪيڏو اڃا؟
جو شخصُ پيار رڳو پيارُ ٿو ڪرڻ ڄاڻي

اسان جا خوابَ ورائي ڏئي تہ ڪيس مَڃون!
جو پنهنجي پَرِ ۾ ڪٿي معجزا هلڻ ڄاڻي

ڪنڌَ جي ڳالهِہ اُنهيءَ لاءِ آهہ بي معنيٰ
سدائين هارَ مان جو حوصلو وٺڻ ڄاڻي

❑

ايازگل

پنهنجو ڪوئي ڪمال ناهي. مِني!
پيار ڪي ئي زوال ناهي مِني!

جڳَ جي ڪيتري آتئي پرواهَ
توکي مُنهنجو خيال ناهي مِني!

جنهن جو ڪوئي جوابُ ڪين هجي
اهڙو ڪوئي سوال ناهي مِني!

يَرجي سگهندو نہ، توکان وِڇڙي ڪڏهن
جهڙو تهڙو تہ خال ناهي مِني!

توڙي ڪجهہ پيي نہ آهي، هٿَ وَسَ ۾
پوءِ بہ سپنن جو ڪال ناهي مِني!

جن بہ نيڻن ۾ نينهُن پَلجي تو
تن جو ڪوئي مثال ناهي مِني!

تون ملينءَ، جڳُ ڇڏي وڃي پل تہ
هاڻي ڪوئي ملال ناهي مِني!

❑

جو نہ پُلجي پيي نهاري مونکي
ڪيئن سمجهان تہ، تو ساري مونکي

جيئن وڌيس، تيئن هُو ماري مونکي
ڪيس چئو، چئو تہ وِساري مونکي

روز تو پاڻُ جيئاريان مان ۾ –
روز هُو شخص تو ماري مونکي

چو نہ تو ياد آچان مان توکي!
چو نہ تو لوڪُ وساري مونکي

پاڻَ تہ گُم تي وئين ميلي ۾
چؤنڪَ هڪڙي تي بيهاري مونکي

ڪيڏو همدرد هيو، مُنهنجو هُو
ويو چڏي دردَ سهاري مونکي

چو هُو طوفان ويو بڻجي آ
ديپَ جيان پاڻَ ئي ٻاري مونکي

❑

دل جو رستو

ايازگل

تُنهنجون راهون تڪڻ اجايو آ
توڪي ساري روئڻ اجايو آ

توکان پُڇندو نہ مونکي پرچائڻُ
مُنهنجو توکان رُسڻ اجايو آ

ڪجھہ تہ ڳالهاءِ يار! ڪر ڳالهيون
ايئن چُپ چُپ رهڻ اجايو آ

”يادِ آهيان، يا توکان وِسري ويس؟“
بيوفا کان پُڇڻ اجايو آ

جي مِلو، مُرڪندي مِلو مون سان
مُنهن سُڄائي ملڻ اجايو آ

هائي منزل ڪٿي پرين! نہ ملي
پوءِ بہ واپس ورڻ اجايو آ

ٽيٽو هوندو جو، نيٺ ٽيندو ئي
دل شڪستو ٽيڻ اجايو آ

❑

ايازگل

دردُ کو جنهن ۾ ناهي دوست!
سا دِل پٿر آهي دوست!

مُنهنجيءَ دل ۾ پيارُ آ تنهنجو
تُنهنجيءَ دل ۾ ڇاهي دوست!؟

جيونُ سُهڻو ٿي پوندو آ
کو جي کنهن کي چاهي دوست!

ڪوڙين قُربَ اوهان جا آهن
ڪهڙا لاهيون، لاهي دوست!

ڀاڳَ تہ پنهنجي وَسَ ۾ آهن
ڇڏيا کنهن ڏينهن ٿاهي دوست!

سچُ تہ پٿرَ تي ليڪو آ
ڪيرُ اُنهيءَ کي ڊاهي دوست!

ميري قاتلَ جهولَ ۾ مُنهنجي
هڪڙو پيي گُل ناهي دوستَ!

❑

اجنبين وانگي ملياسين تون، مان
نہ رُنّاسين، نہ کِلياسين تون، مان

ساپيا جو نہ ڪوئي روپُ مِليو
سپنا، سپنا ٿي رهياسين تون، مان

زندگيءَ هيءَ جُوئا بہ هارائي
آخري داءُ هياسين تون، مان

جيئن افسانو ڪو عُنوانَ بِنا
تيئن اي دوست! ٿياسين تون، مان

لُڙڪَ نہ ڪوڙَ وهيا، وَهندا رهيا
صرف مُرڪي نہ سگهياسين تون، مان

ڪيئن هڪبئي ڪي سهارو ڏيون ها
هڪ ٿي وقت ڪِرياسين تون، مان

جڳَ جي اک ۾ سدائين چڙ تہ
ڪکَ وانگي ها پياسين تون، مان

□

نڪو ساٿ مون سان ڏئي ٿي سگهين
نہ ٿي ساڻ ٻئي سان سهي ٿي سگهين

وسارڻ ڪان اڳ ۾ هي سوچين تہ ها:
”پلا ڌارَ مون ڪان رهي ٿي سگهين؟“

محبت تہ ظاهر ٿئي، ڪيئن ٿي؟
نہ ٿي ڪجهہ چوڻ ڏِئين، نہ چئي ٿي سگهين

هجومن ۾ ايڏو نہ ٿيو آهيان گُم
جي چاهين تہ مون کي لهي ٿي سگهين

حياتي! عجب ڪشمڪش ۾ وڌئي
ڍهين ٿي، نَڪو تون نهي ٿي سگهين

❑

هڪ ٻرو بس اسانجو گهر آهي
تُنهنجو ويڙهو ئي معتبر آهي

تُنهنجي هر ڳالهہ لارَ ماڪنيءَ جي
منهنجو هر لفظُ ڇڻ زهر آهي

هي بہ تُنهنجي ئي شهرَ تي وَسندو
پاڻ ڪان رُنل هر ڪڪر آهي

پيار جي ڪجهہ ڪَٽيِنُ مان ڇا ٿيندو؟
دل جي ڌرتي نِسورو ٿر آهي

تُنهنجا ليڪا اجا ڪُٽن ئي نٿا
رات جو آخري پهر آهي

مون تہ جڳ جي ستمَ جو ذڪر تي ڪيو
تُنهنجي چو نِرڙَ تي پگهر آهي!

بَد دُعا ڪر، لڳي پوي شايد
هر دعا هاڻي بي اثر آهي

ڪيترو زندگيون انڌيريون هِن
ڪيترو روشنيون شهر آهي

❑

شاعرن سان واقفيت



شيخ اياز

جنم: 2 مارچ 1923ع، شڪارپور
موڪلاڻي: 28 ڊسمبر 1997ع، ڪراچيءَ

شيخ اياز جي لکڻ سان سنڌي شاعري ڪَر موڙي جاڳي پئي. هن شاعريءَ جي هر قديم ۽ جديد صنف کي نئون رنگ، روپ، وَن ۽ واسُ بخشيو ۽ ان ۾ ساهه وڌو. سندس ڪل مجموعن جو تعداد 50 کان مٿي آهي، جن ۾ تخليقي نثر، ادبي خط، نثري ٽڪرا، آتم ڪٿا، ڪهاڻيون ۽ يادگيريون شامل آهن. سموري جديد شاعري اياز جي اثر کان آجي نه آهي. هن جي ٻن شعري مجموعن "ڀؤنر ڀري آڪاس" ۽ "ڪلهي پاتم ڪينرو" جڏهن ته هڪ نثر جي ڪتاب "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" تي مختلف حڪومتن بندشون وڌيون..سندس شعري مجموعن ۾ "ڀؤنر ڀري آڪاس"، "ڪلهي پاتم ڪينرو"، "ڪي جو ٻيجل ٻوليو"، "وڄون وسڻ آئيون"، "راج گهاٽ تي چنڊ"، "هينئڙو ڏاڙهون گل جئن"، "ڪتين ڪَر موڙيا جڏهن" (3-ڀاڱا)، "سَر لوهيڙا ڳڀيا" (2-ڀاڱا)، "ننڊ وليون"، "چنڊ ڳليون"، "سانجهي سمنڊ سپون"، "ڪاري رات ڪُهنگ"، "ڪونجون ڪَرڪن روهه تي"، "مينهن ڪٽيون"، "ٻن چڻ پُڄاڻان"، "لڙيو سج لڪن ۾"، "ڪپر ٿو ڪن ڪري"، "الوداعي گيت"، "واتون ڦلن ڇانئيون"، "ٻڙ جي ڇانوَ اڳي کان گهاٽي"، "ٽڪرا ٽٽل صليب جا"، "ڀڳت سنگهه کي ڦاسي" (منظوم

ناتڪ)، ”اڪن نيرا قليا“، ”اڪ جون ڦلڙيون، پيچ پني“، ”پتڻ تو پور ڪري“، ”چنڊ چنبيليءَ ول“، ”رڻ تي رم جهم“، ”جهڙ نيٽان نہ لهي“، ”سُر نارايڻ شيام“، ”اُڀر چنڊ پس پرين“، ”سورج مُکي سانجهہ“، ”چوليون پولينون سمنڊ جون“، ”جَر ڏيئا جهمڪن“، ”هرڻ اکي ڪيڏانهن“، ”گهاٽ مٿان گهنگهور گهٽا ۾“، ”بُوءِ گُل، نالہءِ دل“ (اردو شاعري) ۽ ”نيل ڪنٺ اور نيم ڪي پتي“ (اردو شاعري) شامل آهن.

شيخ اياز سنڌيءَ جي قديم صنفن وائي ۽ بيت کي نئون جنم عطا ڪيو. جڏهن تہ هن سنڌيءَ ۾ پهريون پيرو چهہ سٽن، ڏيڍ سٽن، امير خسروءَ جي پهيلين جي طرز تي گيت لکڻ سميت ٻين صنفن جو بہ رواج وڌو.

نارايڻ شيام

جنم : 22 جولاءِ 1922ع، ساهتيءَ جو پرڳڻو، نوشهروفيروز
موڪلاڻي: 10 جنوري 1989ع، نئين دهلي

نارايڻ شيام صحيح معنيٰ ۾ سنديءَ جو پهريون جديد ۽ منفرد شاعر آهي. هن غزل کي جماليات سان مالامال ڪيو ۽ ان ۾ نزاڪت، نرمي ۽ گداز پريو. بدقسمتيءَ سان ورهاڱي سبب هن کي سنڌ ڇڏڻي پئي، جنهن ڪري سنڌ ۾ اُسريل نئين شاعريءَ تي هن جو، ان سطح جو اثر پئجي نه سگهيو، جيترو پوڻ گهربو هو. باوجود ان جي هو نئين سنڌي غزل جي بانيڪارن ۾ نهايت اهم حيثيت جو مالڪ سمجهيو وڃي ٿو. ان ڪان سواءِ هو پهريون شاعر آهي، جنهن سنڌيءَ ۾ هائڪو ۽ سانيت لکڻ جو رواج وڌو. سندس شعري مجموعن ۾ "ماڪ ڦڙا" (هري دلگير سان گڏ)، "پنکڙيون"، "رنگ رتي لهر"، "روشن ڇانورو"، "ماڪ پنا رابيل"، "واريءَ پريو پلاند"، "آڇيندي لڄ مران"، "مهڪي ويل صبح جي"، "نه سو رنگ، نه سا سُرهاڻ"، "بوند، لهرون ۽ سمنڊ"، "ذات ۽ حيات" (ٻه ڀاڱا)، "راهون پنڌ پيون" (غزلن جو ڪليات) ۽ "نکريو آهي نينهن" (باقي شاعريءَ جو ڪليات) شامل آهن.

استاد بخاري

جنم: 16 جنوري 1930ع، ڳوٺ غلام چانڊيو ـ دادو
موڪلاڻي: 9 آڪٽوبر 1992ع

پنهنجن ڳايل حسين گيتن جي ڪري ئي نه، پر باڪمال فن ۽ لازوال ستون لکڻ جي ڪري به، استاد بخاري پنهنجن همعصرن ۾ سڀ کان وڌيڪ مقبول شاعر آهي. عام فهم لفظ، انوکي لُغت، نوان ترڪيبي تجربا ۽ خيال جي ڳُوڙهائي هن جي ڪلام جي سڃاڻپ آهن. استاد جي شاعري وڌيڪ مقبول هجڻ سان گڏ بيحد منفرد ۽ فڪري گهرائيءَ سان ڀرپور آهي. خاص طور هن جي گيتن ۽ غزلن جو مثال ملڻ مشڪل آهي. صنفن ۾ هن سنڌيءَ ۾ نظم ـ ڪهاڻيون، ست ستا ۽ آٺَ سِٺا لکڻ جو به رواج وڌو. سنڌس شاعريءَ جي مجموعن ۾ ٻارن لاءِ لکيل سَندس مجموعي ”هي گيت گلابي ٻارن جا“ کان سواءِ ”گيت اسان جا، جيت اسان جي“، ”اوتون جوتون“، ”ڪوڪڻ يا ڪلياڻ“، ”لهر لهر دريا“، ”سوچون، پُٺڪا، واڪا“، ”ذرتي سرتي“، ”نه ڪم نبريو نه غم نبريو“، ”زندگي زندگي“، ”ميلا ملهالا“، ”وطن ۽ ويساهه“، ”هڙئي هيج وطن جا“، ”جستجو لاتقنطو“، ”ولولو ۽ ووڪ“، ”لهري لهري ۾ لالاڻ“، ”ڪاري ڪڪر هيٺ“، ”ماندي ٿي نه مارئي“ (سُر مارئي)، ”گهڙيا سي چڙهيا“ (سُر سهڻي)، ”پير نه هٿن پوئتي“ (چؤسٽن جو ڪليات) ۽ ”تڙ تڙ تيڏيان ڳالهيان“ (سرائڪي شاعري) شامل آهن. جڏهن ته هن جي شاعريءَ جا ڪجهه ڪتاب اڃا اڻ ڇپيل آهن. جن مان هڪ ڪتاب مڪمل طور نظم ڪهاڻين تي مشتمل آهي.

ايم ڪمل

جنم: 8 آگسٽ 1925ع ـ ڪنڊيارو

جيتوڻيڪ ڪمل جو تعلق هندستان ۾ سنڌي غزل لکندڙن جي ٽئين دؤر سان آهي، پر شيام ڪان پوءِ هن جو غزل ئي اُتي لکجندڙ غزل جي نمائندگي ڪري ٿو. هن جو اظهار سولو ۽ انداز ڳُوڙهو آهي. هن جي غزل جا موضوع، ترڪيبون ۽ تشبيهون ڏسڻ سان پتو پوي ٿو تہ هُو واحد سنڌي شاعر آهي، جنهن جي غزل کي "شهري غزل" سڏي سگهجي ٿو. هن وٽ محبت توڙي دنيا جا مسئلا هڪ نئين زاويي ۽ نقطهءِ نظر سان ڏسجن ٿا. ڪمل جي هڪ انفراديت اها بہ آهي تہ هن غزل کي نفاست ۽ نزاڪت کان الگ ڪري بہ ڪامياب ۽ پسند جوڳو بڻائي ورتو آهي. جڏهن تہ (بقول هري دلگير) هن اٽڪل 50 وزنن تي بہ طبع آزمائي ڪئي آهي. شاعريءَ کان پوءِ هن اسٽيج ناٽڪ ئي وڏي تعداد ۾ لکيا آهن. سندس شعري مجموعن ۾ "نند ۽ جاڳ"، "جهريل جيءُ"، "ڳرندڙ برف جا نقش"، "روشن راهون"، "پنجاهہ غزل"، "باهہ جا وارث"، "ميرانجهڙو ٽڪ"، "سوچ جا پاڇا"، "اُڇايل لهر"، "سهميل شام"، "سوجهرو شام جو"، "ٻنهي پاسي باهيون"، "مَن مُڙي نتو"، "آخري اُڏام"، "لڪل اوجاڳا"، "هڪ ٻي رات"، "لهڪاريل لاٽ" ۽ "ايم ڪمل جو چونڊ ڪلام" (مرتب لعل پُشپ) شامل آهن.

امداد حسيني

جنم: 10 مارچ 1940ع، ٽکڙ- حيدرآباد

امداد حسيني سنڌيءَ جي انهن چند شاعرن مان هڪ آهي، جن موضوع توڙي احساس جي سطح تي سنڌي شاعريءَ ۽ خاص طور غزل کي جديد ۽ نئون ٻڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هن جي ٻوليءَ ۾ لوڪ گيت جهڙو حُسن ۽ ادائگيءَ ۾ ٻيچ جهڙي مناس کان سواءِ نئين زندگيءَ جا موضوع ۽ نيون ڪيفيتون آهن. جيتوڻيڪ امداد خاص طور نظم جو شاعر آهي پر ان جي غزل کي به هڪ الڳ ونُ ۽ واسُ آهي ۽ ان جي چمڪ دمڪ کوهن کان ڏسندڙ جون اکيون ڪيريون ڪري ڇڏي ٿي. هو پنهنجي انداز جو يگانو ۽ صحيح معنيٰ ۾ ماڊرن شاعر آهي. جديد نظم ۾ هن ڪيئي نوان، انوکا ۽ ڪامياب تجربا ڪيا آهن. تجسس ۽ گهرائي هن جي غزل جي خاص سڃاڻپ آهن. هن ڪيئي سنڌي فلمن لاءِ گيت پڻ لکيا آهن، جن جو گيت جي شاعريءَ ۾ هڪ جدا مقام آهي. سندس ٻن مجموعن ”امداد آهي رول“ ۽ ”هوا جي سامهون“ کان سواءِ هڪ طويل نظم ”شهر“ جي نالي سان الڳ شايع ٿيل آهي. جڏهن ته سندس شعرن جو وڏو تعداد اڃا اڻ ڇپيل آهي.



مخدوم طالب المولیٰ

جنم: 6 آڪٽوبر 1919ع، هالا

موڪلاڻي: 19 جنوري 1995ع، هالا

مخدوم طالب المولیٰ جديد دؤر جو اهڙو شاعر هو، جنهن جو شعري موضوع ۽ اسلوب فارسي اثر هيٺ لکندڙ شاعرن وارو هيو. خاص طور ڪافي ۽ ان ڪان پوءِ غزل ۾ هن جي شعري حيثيت مڃيل آهي. جيتوڻيڪ مخدوم صاحب جو غزل جديد احساسن ۽ جذبن جي بيان ڪان خالي آهي. باوجود ان جي، لکندڙن جو هڪ وڏو حلقو ڪانئس متاثر رهيو آهي. سندس شعري تصنيفن ۾ ”بهارِ طالب“، ”رباعيات طالب“، ”ڪچڪول“، ”شانِ سروري“، ”چپر ۾ چڙيون“ ۽ ”ديوان طالب المولیٰ“ شامل آهن.



وفا ناٿن شاهي

جنم: 19 مئي، 1944ع، بنديالا (امرتسر - هندستان)

وفا ناٿن شاهيءَ جي ذڪر کان سواءِ نئين سنڌي غزل جو ذڪر مڪمل ٿي نٿو سگهي. هن جي اسلوب ۽ انداز جي هڪ دؤر تي ڇاپ رهي آهي. وفا جي غزل ۾ بيساختگي، ٻوليءَ جي سادگي، رواني ۽ لهجي جي انفراديت جو ڪو ثاني ڪونهي. اهوئي سبب آهي جو سنڌ ۾ لکجندڙ نئين سنڌي غزل تي هن جو بي انتها اثر آهي. توڙي جو هن هزارن جي تعداد ۾ غزل لکيا آهن، ۽ هُو اڪيلو شاعر آهي، جنهن سنڌيءَ ۾ هڪ سؤ بندن جو غزل لکڻ جو تجربو به ڪيو آهي. پر هن وقت تائين سندس هڪ مجموعو ”اکين ۾ الماس“ جي نالي سان ئي ڇپجي سگهيو آهي. البت سندس ٻيو مجموعو ”وفا“ ڇپائيءَ جي مرحلي ۾ آهي.

ذوالفقار راشدي

جنم: 10 مارچ، 1938ع، پير جو ڳوٺ ـ رتوديرو

موڪلاڻي: 1986ع

ذوالفقار راشدي پنهنجي دؤر جي اهم غزل گو شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو. توڙي جو هن جو گهڻو ڪلام نه آهي، پر باوجود ان جي هن پنهنجي دؤر ۽ بعد ۾ اڀرندڙ نوجوان شاعرن جي شاعريءَ کي متاثر ڪيو آهي. سندس شاعريءَ جو فقط هڪ مجموعو ”سوچ کي لوچ“ جي نالي سان شايع ٿيل آهي. جڏهن ته سندس ٻيو مجموعو ”اڌ لکيون آيتون“ جي نالي سان ڇپائيءَ هيٺ آهي.



ارجن حاسد

جنم: 7 جنوري 1930ع، ڪراچي

ارجن حاسد هندستان ۾ سنڌي غزل جو نهايت ئي اهم شاعر آهي. هن روايتي غزل جي تصوير ۾ جدت جا رنگ ڀريا ۽ پنهنجو الڳ رستو اختيار ڪيو. هو هن وقت احمد آباد هندستان ۾ رهي ٿو. سندس شعري مجموعن ۾ ”ُواسن جي سرهاڻ“، ”ٿر ٿر ڪنڊا ڪنڊا“، ”ميرو سج“، ”موڳو“ ۽ ”تَ“ شامل آهن. ارجن حاسد کي سندس ڪتاب ”ميرو سج“ تي هندستان ي حڪومت مرڪزي ساهتيه ايوارڊ پڻ ڏئي چڪي آهي.

تنوير عباسي

جنم: 7 ڊسمبر، 1934ع، سوڀو ديرو

موڪلاڻي: 25 نومبر 1999ع، اسلام آباد

تنوير عباسي ان سَر ڦرئي ادبي گروهه جو اهم رڪن هيو، جنهن سنڌي شاعريءَ کي پنهنجي ڪلاسيڪي روايتن سان ڳنڍيو، اڳتي وڌڻ لاءِ زبردست ڪوششون ورتيون ۽ اُن ۾ گهڻيءَ حد تائين ڪاميابي حاصل ڪئي. سندس شاعري فطري ميناج سان ڀرپور آهي. سندس شعري تصنيفن ۾ "ڀڳون ٽيون رباب"، "سج ترڙيءَ هيٺان"، "شعر" ۽ "ساجن، سُونهن سُرت" شامل آهن. جڏهن ته "تنوير چئي" جي نالي سان سندس ڪليات پڻ شايع ٿي چڪو آهي. هُو نه صرف بهترين شاعر هيو، پر شاعريءَ جو اهم نقاد پڻ هيو.



آٿم ناٿن شاهي

جنم: 2 جنوري 1937ع، ڪاٺڙي، خيرپور ناٿن شاهه

آٿم نئين دؤر جي شاعرن ۾ الڳ سڃاڻپ جو مالڪ آهي. هن جو لهجو ’سدا جوان‘ ۽ شعري موضوع چلڪڻا، نفيس ۽ دلڪش آهن. هو هڪ ئي وقت غزل، نظم، وائي ۽ نثر لکڻ تي دسترس رکي ٿو. هن نثر ۾ ”سنڌيون“ جي عنوان تحت هڪ موضوعاتي تجربو به ڪيو آهي، جنهن ۾ فقط سنڌ جي ئي ڪنهن موضوع ۽ منظر کي قلمبند ڪري سگهجي ٿو. آٿم جا ٻه مجموعا ”جڏهن اُلا اپ ۾“ ۽ ”لهرون لهرون لاٽ“ جي نالن سان شايع ٿي چڪا آهن.



محسن ڪڪڙائي

جنم: 4 جولاءِ 1937ع، خيرپور ناٿن شاهه

محسن ڪڪڙائي هڪ سينئر شاعر آهي. ابتدا کان وٺي هن جي شعري اسلوب تي اردوءَ جي روايتي غزل جو اثر نمايان رهيو آهي. باوجود ان جي، هُن جا ڪي ڪي غزل ذڪر لائق آهن. هن وقت تائين سندس شاعريءَ جو هڪ مختصر مجموعو ”اُمنگون“ جي نالي سان شايع ٿيو آهي. جنهن کي ٻه 40 سالن کان وڌيڪ عرصو گذري چڪو آهي.

ارجن شاد

جنم: 17 ڊسمبر 1924ع، سکر

ارجن شاد هندستان ۾ موجود سنڌي شاعرن ۾ هڪ نالي وارو شاعر آهي. هن جي شاعريءَ ترقي پسنديءَ کان جديد دور تائين جو سفر طئه ڪيو آهي. سندس شعري مجموعن ۾ "آءُ گهٽين جو ڳائيندڙ"، "تپسيا جون روشنيون"، "انڌو دونهون"، "ڏاهيون ڏک ڏسن" ۽ چونڊ شعرن تي مشتمل ڪتاب "ڌرتيءَ جو درد" شامل آهن. "ڏاهيون ڏک ڏسن" هڪ نرت ناٽڪ آهي، جنهن ۾ هن ليلا چنيسر جي قصي کي منظوم ناٽڪ جي شڪل ڏني آهي. ارجن شاد روسي شاعريءَ جو منظوم ترجمو "وولگا جي ڪناري" جي عنوان سان ڪيو آهي، جنهن تي کيس سوويت لينڊ نهرو ايوارڊ پڻ ملي چڪو آهي.



وفا پلي

جنم: 7 ڊسمبر 1944ع، ڳوٺ خانصاحب عطا محمد پلي، عمرڪوٽ

وفا پلي سنڌيءَ جي ان غزل گو گروهه سان تعلق رکي ٿو، جن جو زور بيان فارسي اثر تي دارومدار رکي ٿو. جيتوڻيڪ سنڌيءَ جي شعري دنيا مان گهٽيءَ حد تائين فارسيءَ جو اثر پنهنجا ٽڏا ويڙهي چڪو آهي، پر وفا جي غزل ۾ پنهنجن پورين رعنائين ۽ نازن ادائن سان موجود آهي. پنهنجن هه صرن ۾ هن جو غزل ڏيان ڇڪائيندڙ آهي. هن جي شاعريءَ جا ٻه مجموعا "ن ءَ لونءَ منجهه لغار" ۽ "درد هزارين، هڪڙي دل" جي نالي سان شايع ٿي چڪا آهن.

علي محمد مجروح

جنم: 1926ع

موڪلاڻي: 6 فيبروري 1997ع

علي محمد مجروح سنڌي غزل ۾ روايت ۽ جدت جو سهڻو سنگم آهي. هن جو ابتدائي غزل بيحد عام قسم جو آهي، پر اڳتي هلي ان جيڪو رُخ اختيار ڪيو، تنهن ۾ حُسن به آهي ته ڪشش به. جيتوڻيڪ هن جو ڪلام ايترو گهٽ نه آهي ۽ سندس شاعريءَ جو فقط هڪ مجموعو ”سڪ جو سڏڙو“ جي نالي سان شايع ٿيل آهي. پر پوءِ به هن کي اهم غزل گو شاعرن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. جڏهن ته مجروح ڊرامن کان سواءِ سنڌي لاءِ نغما پڻ لکيا آهن.

واسديو موهي

جنم: 2 مارچ 1944ع - ميرپورخاص

واسديو موهي جديد غزل گو شاعرن ۾ هڪ اهم نالو آهي. توڙي جو هُن جي اسلوب جو رنگ ارجن حاسد جي رنگ سان ميچ ڪري ٿو، پر باوجود ان جي، موهيءَ جي غزل جا موضوع، احساس ۽ ڪيفيتون پنهنجون ۽ الڳ آهن، جيڪي ڌيان ڇڪائن ٿيون. هن جي شعري مجموعن ۾ ”تضاد“ ”صبح ڪٿي آهي“، ”مٽڪو“ ۽ ”برف جو نهيل“ شامل آهن.



اياز گل

جنم: 6 مارچ 1959ع ـ سکر

.ديد   نڌي غزل جي باني شاعرن واري ٿهيءَ کان پوءِ، پيدا ٿيل شاعرن ۾ اياز گل نهايت اهم شاعر جي طور تي سڃاتو وڃي ٿو. هن جي اسلوب ۾ انتها درجي جي سادگي، نفاست ۽ حُسن آهي. سندس شاعريءَ ۾ نئين دور جي رومانٽڪ تجربن ۽ ڪيفيتن جي ترجماني ملي ٿي. هن جي مقبوليت جو سبب توڙي انفراديت به اهائي آهي. اياز گل جي شعري مجموعن ۾ ”سوچون سرها گل“ (تاج جويو سان گڏ) ”پيلا گل پلاند ۾“، ”ڏينهن ڏني جا سپنا“، ”تو ۽ ڪهڙا چانورا“ ۽ ”دک جي نہ پڄاڻي آ“ (ڪليات) شامل آهن.

شاعريءَ جو هڪ وڏو ڪمال اهو به آهي ته اها دل جي انهيءَ اڙانگي رستي ۾ ماڻهوءَ جي رهنما ۽ دوست ٿي رهندي آهي، جنهن ۾ بي انتها ذهين ماڻهو به ڀٽڪي ويندا آهن ۽ قافلي ۾ به پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪندا آهن. دراصل شاعري اهڙي گهڻا آهي، جيڪا وسي اندر جي موسم کي به تبديل ڪري ڇڏيندي آهي. اها هڪ ئي وقت بهار به آهي ۽ ميگهه ملهار به آهي. ڪڙڪي ڪرندڙ وڄ به آهي ته وساوڻيءَ جا ست رنگ به آهي. ڌپيل آڳ به آهي، ستل پيڙ به آهي، جاڳيل زخم به آهي. مُرڪندڙ نهار به، ته ڀڄل روح به آهي. واڳهه جي گهور به، ته رڻ جي رات به آهي. اها پهاڙي ڇوٽ جو صبح به، سمنڊ جي شام به، ته ٻيلي جي ۽ پهري به آهي. شاعري گلن واري گهٽي آهي، نيڻن جو نڪت آهي، هڪ هار آهي، هڪ جيت آهي. ٻي معنيٰ ۾ هڪ مڪمل زندگي آهي ـ هڪ مڪمل ڪائنات آهي ـ جنهن کي سوين سج به آهن، سوين چنڊ به آهن، گرهه به آهن، اُپگرهه به ـ

هن مجموعي ۾ شامل غزلن جي هڪڙي خوبي اها به آهي ته اهي تخيل ۽ تخليق جو بي مثال سنگم آهن. اهي دماغ جي نه، دل جي ترجماني ڪن ٿا. (۽ ڪيترو نه صحيح چيو آهي هري دلگير ته، هڪ سٺو غزل دماغ جي ڪوٺ ڪوٺان نه، پر دل جي اُجل هنڌ گهرجي!) هر غزل ۾ هڪ دل جي ڏک ڏک آهي، هڪ روح جو نغمو آهي ۽ جذبي جو اجهل اظهار آهي.

اهو ڪنهن گهڙيءَ هوا بڻجي اوهان جي دل جي وٽن سان گفتگو ڪندو ته ڪڏهن خوشبوءِ بڻجي حواسن جا در کڙڪائيندو ـ ۽ اوهان ان جي اهڙين حرڪتن کي ڏسندا ئي رهجي ويندؤ! مون سان ته ايئن ئي ٿيو آهي، مان به ڪجهه نه ڪري سگهيو هوس، ۽ يقينن اوهان به ڪجهه نه ڪري سگهندؤ!

مرتب

A ROSHNI BOOK
POETRY

PAKISTAN Rs. 100

پَڙهندڙ نَسُل . پ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گَڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وٽن جا پنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نسُل وارا پنَ به مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، برندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ به ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلب Exclusive Club نه آهي.

ڪوشش اها هوندي ته پنَ جا سڀ ڪم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي ته ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي به ٿِين. اهڙي حالت ۾ پنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو به مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو ته ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو به لاڳاپو نه هوندو.

پَنَ کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڌ کان وَڌ ڪتاب خريد ڪري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن به رُڪاوٽَ کي نه مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي ٻارَ جي ڪتاب نہ پڙهڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن ڪي پڙهي سماجي حالتن ڪي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني ڪي **چوء، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن ڪي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ ڪي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن ڪي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ ڪان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)